# سارنگ سار لهيج

وينا شرنگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سار نگ سار لهيلج

وينا شر نگي

وينا شر نگي
سي - ٨٢، اندرپوري نئي دهلي - ١١٠٠١٢



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

Title : **Sarang Saar Lahij**
(Essays)

Author : **Veena Shringi**

First Edition : **2006**
All rights are reserved by **Author**

Copies : **500**

Price : **Rs. 125/-**

Published by : **VEENA SHRINGI**
C-84, Inderpuri, New Delhi-110012
Ph. : + 91-11-25836297 & + 91-11-25832563

Lasertypesetter : **Raj Rajeshwari**

Printed by : **Nishant Computers & Printers**
Phone : 9899256433

Copy right with Author

Published with partial financial Aid from Sindhi Acdemy Delhi



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# ڇا ڇا؟


پنهنجي پاران (viii)

ڪتابي جائزو ١١

١. آزاديءَ بعد پوشاڪ. پهراءُ ۽ ٻول چال....... ٣٠

٢. پتنگن پهڻ ڪيو ٤٠

٣. جوڳي ٤٨

٤. سنڌي ۽ سيڪيولر ڀارت ٥٤

٥. سارنگ سار لهيج ٦٠

٦. ٢١ صديءَ ۾ سنڌي ڏڻ ٦٧

٧. سنڌي نثر جو نور -ديوان ڪوڙو مل ٨٣

٨. سنڌڙيءَ جو سائين ٨٨

٩.جي جيءَ ڪي جيئارين ٩٣

١٠.مان ساريان سانگيئڙن ڪي ٩٨

١١ ڀارت جي قومي ٻولين جي ساهت نسبت
سنڌي ساهت جو درجو - ڪهاڻي ١٠٦





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# ارپنا

ترَ توهر کھر جھوپڙا، ٻارڻ جنين ٻُو ھَ
وُٺا مينھن ملير تي، ٺهڪي نڪتا ٿُوھ
رات بہ مُنھنجي روح، سُتي سانگي ساريا

پنھنجي قلم جو پورھيو آتمڪ گيان جي مورت
**پوڄيہ ما هري ديوي ٠پي٠واسواڻي**

کي

ارپڻ ڪريان ٿي

وينا شرنگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

*Pujya Ma Hari Devi P. Vaswani*



**Different moods of Ma**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# I Must Arise And Go

*I must arise and go to my native Sind,*
*Whose desert,sands, with deep love beckon me,*
*The dust of no other place in and outside Ind*
*Is to me so sacred and so holy.*

*When I gaze at, you azure hills on which do rest*
*The blue mansoon clouds while on their glad flight,*
*My thoughts even as swift birds flying to their nest*
*Go out to th'brown hills, singing in delight.*

*When you cloud clad skies cast on me their gloomy glance*
*Before mine eyes th'picture of sun -lit skies*
*Of my native- land instantantaneously doth dance*
*And two fresh springs of tears from mine eyes rise.*

*Will I never again behold the tall date trees*
*Which, looked at the sun with their heads lifted high,*
*Whose yellow faces listened to the songs of breeze*
*As through their twigs it speedily did fly?*

*Will my heart with soft vespers worship never more*
*In the temples I so often dod haunt?*
*Though with their fond songs the people here do adore,*
*I Long to hear the old, familiar chant.*

*Will my feet never again tread the ground hallowed*
*By sufis, fakirs, dervishes and saints*
*Whose samadhis are uprooted, but whose abode*
*Now pitched lies in our banished heart's tents?*

*I will arise and go to my sweet, sun-wooed sind ,*
*Whose only river with long streching banks*
*Welcomes, alike those who, have served, suffered and sinned*
*Expecting in return no words of thanks.*

**—Hari Devi P. Vaswani**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# ڪٿي تون، ڪٿي مان؟

۱. تون وشال گگن، آنءُ ويران بيابان،
تون روشن گلشن، آنءُ پومي شمشان!
۲. تون جوتي جلوو، آنءُ آهيان اِڪ لاٽ،
تون وهندڙ چشمو، آنءُ اوُنهي اَساٽ!
۳. تون چمن جي، چنبيلي، آنءُ ڪندو چيچجندڙ،
تون جاڳرت جوت، آنءُ پٿر مناجهه مندر!
۴. تون سڪ سروور، آنءُ ڪنول ڪومايل،
تون گل گلابي، آنءُ مڪڙي مرجهايل!
۵. تون مرلي متر، آنءُ تنل ستار،
تون گيان ساگر، آنءُ مورک گنهگار!
۶. تون آنند داتا، آنءُ درياهه دک جو،
تون سمرت سائين، آنءُ بيوس بندو!
۷. تون بسنت بهار، آنءُ مند سرءُ جي،
تون ڪئلاش پهاڙ، آنءُ اِڪ تيرٿ واسي!
۸. تون ورکا وسائين پيو بادل جيان،
آنءُ چاترڪ اِڪ بوند تي جيئان!
۹. تون سمندر جنهن اندر وسن ماڻڪ موتي،
آنءُ اِڪ لهر وچان تو ۾ سمائجي!
۱۰. تون پيڙي پاجهه جي پهچائينهُن پار،
آنءُ پل پل پڪاريان: - تار منجهان تار! -
۱۱. تون سنگمرمر جي سندر مورتي،
آنءُ ڏينهن رات ڪريان تنهنجي آرتي!
۱۲. تون لاحد حسن ۽ نينهن واري نوُري
آنءُ حيرت ۾ قران پيئي حيران ٿيٿي هوُري!

ما هري ديوي واسواڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

## پنهنجي پاران

**سارنگ آيو صبر ۾ ،بوندن ڪني بس**
**رنگا رنگي رس، قزح ڪيي نيل تي (سچل)**

پنهنجي قلم جو پورهيو - **سارنگ سار لهيهج** - ايڪويهين صديءَ جي لازوال شخصيت پوجيہ مان هري ديوي پپي. واسواڻي جن کي ارپڻ ڪريان ٿي .جنهن جو درشن پهريون ڀيرو ويهہ سال اڳہ ڪرڻ جي خوشقسمتي حاصل ٿي ۽ دهليءَ ۾ هڪ انٽرويو ڪرڻ جو موقعو مليو شانت چهرو چپن تي مٺي مرڪ اکين ۾ روحانيت جو تجلو .گنگا جل جهڙي شيتلتا آتمڪ گيان جي مورت. پوجيہ ماهري ديوي ميران موُمينٽ ذريعي ڀينرن ۾ تعليم لاءِ جيڪا سجاڳي آندي اُن لاءِ ،سندن جو ڪردار تاريخ ۾ سُنهري لفظن ۾درج ڪيو ويندو.

ڀارت جي الڳ الڳ شهرن ۾ وڃڻ ٿيو آهي جتي سندن مُبارڪ هٿن سان تعليمي ۽ ٻين ادارن جي پيڙهہ جو پٿر رکيل ڏٺم. هن سال ئي آديپور ۾ هڪ ڪاليج ۽ اپاهج ٻارن جو اسڪول انکان علاوهہ راجڪوٽ ۾ نياڻين لاءِ هڪ اسڪول ۽ ان کان اڳ ڪيترين سنڌي بستين ۾ان طرح جي ڪمن جو ذڪر ٻڌڻ وٽان مليو آهي، اها پريتا ڪين پنهنجي چاچي روحاني رهبر ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي، جن جو تخلص - نوري- آهي تن وٽان ملي جن وٽان- جيوديا ۽ دين دکين جي درد کي سمجهڻ جي شڪتي ڏني ۽ ڪيس دادا واسواڻيءَ جن ئي- هوُري- تخلص ڏنو ۽ چيائون مان - نوُري، تون هوُري.

ڪن آندو ڏرم ،ڪن ڪرم نشڪام،
مان تہ آڻيئہ ٿي قرب ڪلام:
ڪن نوُري آندو نوُر نورانو،
مان هوُري آڻيانءِ ٿي فڪر فقيرانو:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

قبول ڪجانءِ تون قدمن ۾!

پوڄيه ما هري ديويءَ جا سنڌي ۽ انگريزي زبان ۾ ڪئي مضمون ۽ ڪتاب شائع ٿيل آهن. پنهنجي هن ڪتاب سارنگ سارلهيڄ ۾ سندن جون ٻه ڪويتائون شامل ڪيون آهن. اڄ ڪلهه پوني جي آستان ۾ ايڪاگرهه چت سان پنهنجي گرديو ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ ايشور جي آرڌنا ۽ ڀڳتيءَ ۾ ليِن آهن.

اڄ مان پنهنجي منٽڙي امڙ ۽ ابي کي به ڪين وساريند يس جن جي رهنمائي ڪري ڳاٽ اوچو ڪري جيئڻ جي جريت ٿي آهي ۽ سنڌي ٻولي ۽ تهذيب لاءِ جستجو ڪرڻ جي پريرڻا ملي.

اڄ جي دور جي ڀڄ ڀڄان واري زندگيءَ مان ڪجهه وقت ڪيي ڪي مضمون قلم بند ڪيا آهن جن ادارن ۽ تنظيمن مختلف موقعن تي مضمون لکڻ لاءِ همٿايو ۽ هند سنڌ جيڪن ساڄڻن جي همٿ افضائي ۽ نيڪ تمنائن ڪري پنهنجي سوچ ۽ وت آهر ڪجهه اظهاري سگهي آهيان تن جي شڪرگذار آهيان.

**يا پسڻ پرين جو يا پرين پچار**
**انهيءَ پنهي ڳالهين کان ڏار**
**شل قادر ڪنهنکي نه ڪري (شاهه)**

موڪلاڻي ناهي

ساٿ سلامت!

وينا شرنگي

آگسٽ ٢٠٠٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

## ليکو پيو ڪٿجي....

مان پنهنجي اولاد کي
پنهنجي ورثي بچائڻ لاءِ
ور ور ڪري چوندي آهيان،
پٽڙا توهان ملو،کلو
کائو پيئو نچو ڳايو ٽپو،
پر ،پنهنجي ٻولي
۽ ورثي کي ڪين وساريو
مُنهنجي ننهڙيءَ وراٽيو،
امي! توهان
رلهي تاٽي سُمهي پئو
ڪنوار جا اهڙا ٻول ٻُڌي،
هانو منهنجو ٺري پيو
مون چيو شاباس! اٽيئي ڊيئڙي،
تون آهين منڙي سُٺڙي
ڏاڍي سدوري
فخر وچان مُرڪي چيائين،
امي! توهان جو چوڻ
ڀلا مان ڪيئن ٽاريندي‌س،
مُنهنجي ماءُ به ته گهر ۾ سنڌيت
بچائي رکي آهي
لال سائينءَ جي سوني فريم ۾ ،
مميءَ مورتي مڙهائي رکي آ!

ايندڙ ويندڙ پيا
ڊ ئڊيءَ کي داد ڏين،
اسين به ائين ڪري
ڪنداسين،
سنڌي پڙهڻ لکڻ جو
ته زمانو ويو گذري
هاڻي وقت ۽ فرصت ڀلا
ڪنهنکي رکي آهي
لال سائينءَ جي چانديءَ ۾
مڙهائي سجائي
رکنداسين مورت،
وڏ ۾ وڏ چيٽي چنڊ تي
پنجڙن جي ڪئسٽ وڄائي
سنڌيت کي
سا نئي رکنداسين،
ٻُڌي ڳالهه ننهڙيءَ جي،
ٺڏو ساهُ کڻندي ئي مون چيو
ڏاهي! تون چئين سچ ٿي،
سڀُ مري ويو آهي
هاڻ ليکو پيو ڪُٿجي

**وينا شرنگي**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

# تبصرو – وايون وڻجارن جون

(ادبي تنقيد ص - ٨٠ - ٨٤ ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي)

ٻولي ڪنهن بہ قوم جو قيمتي سرمايو آهي.ٻولي ويچارن کي ظاهر ڪرڻ جو واهڻ آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي اُپرڻ،اُسرڻ ۽ پاڇي راس ٿيڻ ۾ سال لڳندا آهن.ان کي علم ۽ ادب ۾ استعمال ٿيڻ لائق ٿيڻ ۾ صديون لڳي ويندڻيون آهن.ٻوليءَ جي اوسر يا ترقيءَ جو دارو مدار ٻوليءَ جي واهپي تي آهي. ٻوليءَ جو استعمال گهٽو تہ ٻوليءَ جي اوسر وڌيڪ.ان جي ابتڙ ٻوليءَ جو استعمال گهٽجڻ لڳي تہ ٻولي ڍهڻ لڳندي آهي.

اڄ سنڌي ٻولي هڪ وڏي سنڪٽ مان گذري رهي آهي.اڄ ڪلهہ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڏاڍي تيزيءَ سان گهٽجي رهيو آهي.سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ حالتون سٺايون ڪونهن.پر پوءِ بہ ڪتاب جهجهي انداز ۾ شايع ٿين ٿا ۽ سنڌي مخزنون وڏي تعداد ۾ ڇپجن ٿيون.ان وهندڙ درياهہ مان ٻڪ ڀري، مون تبصري لاءِ هيٺيان ڪتاب چونڊيا آهن: پهريون آهي وينا شرنگيءَ جو سفرنامو - وايون وڻجارن جون .

وديشي ادب ۾ سفرنامن کي خاص مرتبو حاصل آهي،پر ڀارتيہ ادب ۾ ان قسم جي ساهتيہ کي خاص اهميت نہ ٿي ڏني وڃي. سفرنامي جي تحرير،سنڌي ساهتيہ ۾ تہ هڪ ڪنڊ پاسي پيل تخليق جيان محسوس ڪاجي ٿي.ڀارت جي قديم ادب ۾ ، اديبن الڳ الڳ ديشن ۽ قدرتي سونهن جو دل کولي ورنن ڪيو آهي،جنهن مان اُنهن جي سئلاني طبعيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.ڪاليداس ۽ ٻاڻ - ڀٽ جي ناٽڪن ۾ اسان کي قدرتي سونهن جو ڀرپور آنند ملي ٿو.هنديءَ ۾ اگييہ،موهن راڪيش،نرمل ورما ۽ راهل سانڪرتياين سفرناما لکيا آهن.ائين ناهي تہ اسان جي سنڌي اديبن،سفرناما قلمبند نہ ڪيا آهن، مگر گهٽي ڀاڱي،اُهي سنڌ تائين ئي محدود آهن،سواءِ ايڪڙ - ٻيڪڙ

مضمون



سارنگ سار لهيهاڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جي. منگهار ام ملڪاڻيءَ جو پڇمي ياترا، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو جيڪي ڏٺو هو مون ...... لکمي کلاڻيءَ جو مَن جا محل ـ کنڌهر ۽ وينا شرنگيءَ جو و ايون وڻجارن جون ...... اهڙي قسم جي ايڪڙ ٻيڪڙ سفرنامن ۾ ئي شمار ڪري سگهجن ٿا.

سنڌي ادب ۾ سفرنامن جي صنف تمام پنتي پيل آهي ۽ سفرناما لکڻ جي تاريخ به گهڻي پراڻي ڪانهي. اسان وٽ تمام ٿورا نالا آهن، جن پرڏيهه ۾ وڃي، جيڪي مشاهدو ماڻيو، تجربا حاصل ڪيا، تن کي فنائتي نموني پيش ڪيو. هڪ سفرنامي کي اعليٰ تحرير ۽ معياري حيثيت جي مقام تي رسائڻ لاءِ قلمڪارن کي ان ديش جي تاريخ جي گهري ڄاڻ هئڻ نهايت ضروري آهن، جنهن بابت هو لکن ٿا. سفير جي گهري نگاهه، ڄاچنا، ڪليل، حواس ۽ جڳياسو من سبب ئي ماڻيل مشاهدو، پاٺڪن لاءِ به ساڳي مناسبت رکي ٿو. هونءَ به سفرنامي جو مقصد، پاٺڪن کي الڳ الڳ هنڌن ۽ دنيا سان روشناس ڪرائڻ ۽ منجهن سيروسياحت لاءِ شونق، حوصلو، اُتساهه ۽ اُمنگ پيدا ڪرڻ ئي آهي. اهڙا سفرناما ئي صديون پراڻا هوندي به، ساڳي مناسبت ۽ تاريخ جي حثيت حاصل ڪن ٿا.

هتي دنيا جي مشهور سيلانين فاهيئان، هيون سانگ، ابن بطوط، البيروني ۽ مارڪو پولو جو ذڪر ڪرڻ غير واجب نه ٿيندو. فاهيئان، هندوستان جي سفرنامي ۾، نهايت غور فڪر سان، سياسي، سماجي، معاشري پهلوئن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن مان ان وقت جي حالتن، ماحول، ملڪ جي فڪر، فهم ۽ ماڻهن جي جذباتي ۽ ذهني لاڙن جي چڱي سُڌ پوي ٿي.

هڪ ٻيو ليجينڊري جو عالمي سطح تي مشهور آهي، سو آهي مارڪو پولو. ان جي سفرنامي جي تاريخي اهميت آهي. گذريل صدين ۾، اهڙا ڪي ٻيا نانوَ به ڳڻائي سگهجن ٿا، جن وديشي سفر ڪري، اُتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

رهي، اُتان جي نہ صرف باشندن جو، پر سياسي - سماج جي نظام جو احوال بہ ڏنو آهي.سياح صرف پاڻ سفر نہ ڪيو هوندو ڪري پر پڙهندڙن کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي هلي ٿو.

انسان سئلاني آهي.سيرو سفر اِنساني فطرت جو هڪ انگ آهي. قدرتي سونهن جو مشاهدو ماڻڻ لاءِ، انسان سدائين سير سپاٽي لاءِ خواهشمند رهي ٿو. ائين تہ سير هرڪو ڪري ٿو، پر ان سير جي دوران حاصل ڪيل آزمودن ۽ احساسات کي ڪلاتمڪ ڍنگ سان پيش ڪرڻ، ڪنهن فنڪار جو ئي ڪم آهي.

**وايون وڻجارن جون** - وينا شرنگيءَ جو سفرنامو اسپين، پورچگال، پئرس، امريڪا ۽ لنڊن سان وابستہ آهي .هن ۾ ليکڪا گهڻي ڀاڱي سفرنامي جي اهم فني پهلوئن سان نباهيو آهي.وينا پنهنجي سوچ ۽ شعور سان،هن سفرنامي کي ڪافي حد تائين دلچسپ ۽ دلڪش بڻائڻ ۾ ڪامياب ويئي آهي. اڳين وقت ۾ سفر تفريح ڪُن يا عيش آرام جو نہ هوندو هو،پر اهڙن صاحبن جو شونق وَ ذوق،ڪين تمام مشڪلاتن جي باوجود دور ديشن تائين پهچائيندو هو.وينا شرنگيءَ جو سانگي سان، مذڪوره ملڪن ڏي سفر،هڪ سير سپاٽو بہ چئي سگهجي ٿو.هن الڳ الڳ ملڪن جو سير ڪندي، اُتي جيڪي ڪجهہ ڏٺو،محسوس ڪيو ۽ ماڻيو،تنهن کي پنهنجي عالمي شعور ۽ سمجهہ مطابق ، **وايون وڻجارن جون** - ۾ بنا لڪ لڪاءُ پيش ڪيو آهي،سهڻي عبارت سان اعليٰ سفرنامي جي تمام پهلوئن،نڪتن کي ساڻ ڪري جن ملڪن جو هوءَ بيان ڪري ٿي،تن جي تاريخي پسمنظر جاگرافيڪل نقشو،اُتان جي محلاتن ۽ يادگار اڏاوتن جو مڪمل ريت بيان ڪري ٿي مگر ٻيا بہ نڪتا آهن،جي هن سفرنامي جي خوبصورتيءَ ۽ ادبي حيثيت جو ڪارڻ بڻجن ٿا.هن منظر ڪشي ائين چٽي آهي،جو پڙهڻ سان ذهن جي پردي تي فلم جيان اُتان جا نظارا ازخود اُڀري اچن ٿا.سفرنامو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

عبارت جي لحاظ کان مضمون جي ويڃهو آهي، پر ان ۾ گيت جيان موج ـ مستي ۽ رنگيني بہ نمايان رهي ٿي.

ليکڪا هن سفرنامي ۾، پين نامور ليکڪن جيان، الڳ الڳ ديشن جي باشندن جو (جن جو هن ۾ ذڪر آهي) آچار ـ وهنوار، سندن ڪلاتمڪ حاصلاتن، ريتين رسمن، ڏڻ ـ لباس کائڻ پيئڻ، قومي عقيدن ۽ رو زمره جي ڪارگذارين جو نهايت خوبيءَ سان احوال ڏنو آهي. هن سندن اتهاسڪ اتفاقن جو، هار ـ جيت جو ۽ انهن مڙني ڳالهين ماڻهن جي خيالن ۾ کهڙو بدلاءُ آندو، ڪهڙيون نيون ر وايتون، نئين سر اُنهن جي زندگيءَ سان جڙيون، ڪهڙيون نيون عمارتون، نوان قلعا، نوان ڳسَ جڙيا ۽ اڏيا. اِنهن جو جاگر افيڪل نقش چٽي ليکڪا، اُتان جي رهو اسين جي جذباتي ۽ ذهني تصوير چٽي آهي، گڏوگڏ اُنهن جي پيٽ، پنهنجي ديش جي ماضي، حال سان ڪري، سفرنامي ۾ هڪ نئين جان بہ پري آهي. پين لفظن ۾، هن حا ل جي ڪئنو اس ۾، ماضيءَ جون تصويرون پيش ڪيون آهن:

سترهين (١٧) صديءَ ۾ ڊچ ۽ اسپيني نئين ملڪ جي
تلاش واري مهم جي سلسلي ۾ هن علائقي ڏانهن آيا.
پر ا هو ڪئپٽن ڪوڪ ئي هو، جنهن اُڪتي هلي
١٧٧٠ع ۾ اُتي جهنڊو کوڙيو. ١٧٨٨ع ۾ سڊنيءَ جي
ساموڊبي بندر تي پهريان ( سيٽلرس) پناه وٺندڙ اُتي اچي
آباد ٿيا ۽ برطانيہ ان نئين بٺنڪ (ڪالوني) طرف
پنهنجي سزا کاڌل قيدين کي اُتي موڪلڻ شروع ڪيو.
١٩٠١ع ۾ اها آسٽريليا، فئڊريشن آف اسٽيٽس ـ ائينڊ
ٽيرٽريز ريپبلڪ بڻي. جنهن جو سربراه راڻيءَ بدران
صدر بڻيو. اها ڪامن ويلٿ جو حصو بڻيل آهي. ان جي
راڄڌاني ڪئنبيرا آهي. اُتي قومي پارليامينٽ آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

۽ تاريخي ماڳن ۾ ڪريڊل مانونٽين ميلانين کي
پاڻ صرف چڪين ٿا. آسٽريليا ۾ ڊچ هالينڊ فيسٽيول
ڪافي ٿيندا رهندا آهن جن کي ڏسڻ لاءِ ڪافي
ميلاني اُتي ويندا آهن (ص - ٢٧ - ٢٨)

توليدو ۾ چوي ٿي :

يهودي پاڻ سان پنهنجي گهرن جون چابيون به
ان اُميد سان کڻي آيا هئا ته واپس اباڻن گهرن ڏانهن
ورنداسين، جا اُميد اڄ تائين اُنهن جي ڪان پوري
ٿي آهي. ساڳيءَ طرح اسان جي ننڊي ڪنڊ (سنڌ)
۾ به لڏ پلاڻ وقت ڪيترا اهائي آس سيني ۾
سانڍي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويا.
(ص - ٣٢-٣٣)

هتي وينا سنڌين جي پيٽ يهودين سان ڪري، هڪ ڪوڙي
تاريخي سچائيءَ جو اظهار ڪيو آهي.
وينا ڪٿي ڪٿي جذبات جي شدت ڪارڻ، پنهنجي موضوع
جي ڏِڳ تان ٿيڪي وڃي ٿي :

هڪ ته ورهاڱي ڪري سنڌي جاتيءَ جي فن فڪر،
ڪلچر، ٻولي ۽ تهذيب کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي.
مٿان وري غير يقينيءَ واريون حالتون.

بقول نارائڻ شيام،

الله (الا!) انين نه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي، ته
هئي، سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي !
انڪري پيٽ ڏٺيءَ جي اظهار کي هينئن سان هنڊايون:
ستا اُٿي جاڳ ننڊ نه ڪڇي ايتري
سلطاني سهاڳ ننڊ ڪندي نه ملي (ص - ٣١)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

وينا جي پنهنجي امڙ جي بيان ۾ بہ اها ڳالھ ڏسي سگهجي ٿي.هن سفرنامي کي فني طور مذڪوره شهرن جي نقشعن ۽ ڪين تاريخي عمارتن ۽ شهرن جي تصويرن سان وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ها،پوءِ بہ هيءَ هڪ دلچسپ ۽ معلومات افزا سفرنامو آهي ۽ يقينا سنڌي سفرنامن جي صنف ۾ هڪ اهم جاءِ والاريندو.

(ادبي تنقيد ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي ص٨٠ - ٨٤)

❖❖❖❖❖

سپاجهڙي ڀيڻ وينا شرنگي

سدا باغ بهار هجو!

ڀيڻ اوهان جا مون سيئي ڪتاب پڙهي ڇڏيا اٿم.مالڪ اوهان جي قلم کي و ڏينخوبين سان نواز يو آهي جو هر هڪ صنف تي اوهان کي مڪمل ۽ پورو عبور حاصل آهي اوهان ڀينرن سانئڻ پوپٽي هيرانداڻي ۽ اوهان جهڙ يون ڀينر آهيو جن تي فخر ڪري سگهجي ٿو اوهان جي سفر نا من تہ ساچ پاچ ڏوڏي ڇڏيو آهي ڇڻ تہ آئون اوهان سان سفر ۾ گڏ گڏ هئس.

ساٿ سلامت سنڌ سلامت

اوهان جو دعاڳو ۽ ڀاءُ عبدالله خان جيسر

١٢ - ٤ - ٢٠٠٠ع(سنڌ)

⌘⌘⌘⌘⌘

٢٠٠٣.٣.١ع

پياري ڀيڻ وينا،

وايون وڻجارن جون ڪتاب پڙهيم،ڊائريءَ جيان تو لکيو آهي.اِهي جي ٻاهر گهٽ ويا آهن انهن لاءِ ڄاڻ ۽ وندر وارو رهندو.هر ڪم ۾ ڪافي محنت تي ڪرين.آديپور ۾ گڏجاڻي نہ جهڙي ٿي.تون انيڪ ڪمن ۾ مشغول آهين،ڪڏهن خيال ايندو آهي انهن بابت ڄاڻان. اميد تہ ڪڏهن مو قعو ملندو.

سنيهہ مان

ڪرشن

اندور(ڪرشن کٽواڻي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# وايون وڻجارن جون(سفرنامو)

## (سمالوچنا جئرام چمناڻي ديپ)

چٽگون ـ اخبار احمدآباد ٨ ـنومبر ٢٠٠٤ع

ليکڪا وينا شرنگي

ڪتاب **وايون وڻجارن جون**،وينا شرنگيءَ جو سفرنامو آهي،جنهن ۾ اسپين،پورچگال ،پئرس،آمريڪا ۽ لنڊن جي سفر تي آڌارت سفرنامو آهي.وينا هن کان اڳ پيا بہ ڪافي ڪتاب لکيا آهن.هن کي سائين جي.ايم.سيد،دختري سنڌ جي لقب سان نوازيو هو.هن ڀارت جي شهر دهليءَ ۾ هڪ مارئي سنستا جو پايو وڌو آهي.جنهن جي معرفت سنڌي ڀينرن جي ڀلائي ۽ سنڌي ٻولي ، ڪلچر ۽ ادب جي واڌاري لاءِ ڪم ٿيندو آهي.هن سنستا جون ميمبر صرف ناري ئي سگهن ٿيون.وينا للي چپي جي اکر کان نفرت ڪندي آهي.هن جي الڳ شخصيت آهي سا لياقت تي ٻڌل آهي. ٻن ڪارڻن جي ڪري مان هن ڪتاب کي سمالوچنا لاءِ کنيو آهي. هڪ تہ هيءُ سفرنامو مون کي ڪافي روچڪ ۽ چاڻ ڏيندڙ لڳو.ٻيو هن ڀيڻ جي لياقت اُجاگر ڪرڻ لاءِ ڀارت جي اديبن ڪنجوسائيءَ کان ڪم ورتو آهي.مان تنهنجي لاءِ لکان اُنهيءَ داون پيچن ۽ گروپ بازيءَ ۾ هي وشواس نہ رکندي آهي.هن جو سنڌي ادب سان ناتو دل جي گهرائن سان آهي. هيءَ ويساکين تي هلڻ واري ڪماري نہ آهي. هن جي ڀاونا هوندي آهي تہ سنڌي ادب جو عملي ڦهلاءُ ڪيو وڃي. ان جي ڪري هن جا پيپرن جا رايا سيمينارن ۾ پڙهڻ، غور ڪرڻ لائق هوندا آهن.

پکا ۽ پنهوار ڏٺي مون ڏينهن ٿيا(سنڌ وارو سفر نامو)

هيءَ سالن کان دهليءَ ۾ رهي ٿي پر هن جي سنڌي ٻولي نج،محاورن،پهاڪن ۽ اصطلاحن سان ڀريل هوندي آهي.نہ تہ ڪافي دهليءَ جي دوستن جون رچنائون پڙهندڙ آهيان جنهن ۾ هندي لفظن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

دائي ڳهڙين ۾ پينرن پروميلا ۽ شالني مون سان گڏ رُنو. ور ور ڪري دلداري ڏيندي چيائون تنهنجي دکي هئڻ ڪري امڙ جي جي آتما اشانت رهندي.

تون خوش رهنديءَ تہ امڙ جي آتما کي شانتي ۽ سک ملندو. غمن جي گهيري مان ڪڍڻ لاءِ وڏي ڀاءُ اشوڪ ڪئي پيرا دهليءَ ۾ چيو تون مون سان گڏ مئڊرڊ (اسپين) هل.

مٿيون سٽون تصديق ڏين ٿيون تہ وينا جي پريوار ۾ ڪيتري عزت آهي ۽ هر پريوار ۾ هڪ ٻئي جي لاءِ اهڙي عزت هئڻ گهرجي.

وينا سفرنامي ۾ ڪاٻہ ڳالهہ ڇيڙي ٿي تہ تہ اُن لاءِ تفصيل سان ڄاڻ ڏيئي ٿي. جيڪا ڪافي سفرناما لکندڙ گهٽ ڏيان ڏيندا آهن. هن جي لفظن ۾ پڙهيو:

آسٽريليا جون ڇهہ رياستون آهن، اُتان جي موسم گرم، خشڪ، هلڪي ٿڌي آهي. ٻولي جيتوڻيڪ انگريزي آهي، پر لاڏو ماڻهن طرفان پيون سئو (١٠٠) کن ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون.

اٽلي بہ ناٽڪ ۽ ٿيئٽر جي ڪري ڪافي مشهور آهي. اُتي مِڊ سمر ميجڪ، ڏسڻ لاءِ گهڻا ئي سيلاني اچن ٿا. اُو نهاري جي وٽندڙ شامن ۾ اٽليءَ جي اوپن ايئر ٿيئٽر کي هزارين ميڻ بتين سان روشن ڪيو ويندو آهي. جيڪو ڊرامائي پسمنظر ڏسڻ وٽان هوندو آهي. اِٽليءَ جي وچ واري دور جي خوبصورت شهر ويرونا، جيڪو جڳ مشهور پريمين روميو جوليٽ، جو گهر آهي، اُتي اونهاري جي مند ۾ يادگار روماني اوپيرا ڏيکاريا ويندا آهن. جنهن کي ڏسي لبن تي، واهہ، واهہ هوندي آهي.

ساڃي سفرنامي جو سهرو اشوڪ تي آهي. جنهن وينا کي اسپين گهرايو. هڪ پياري ڀاءُ جو رشتو نڀايو.

سٽا اُتي جاڳ جي ٽائيٽل جي وينا شروعات ڪندي لکي ٿي تہ:

تاريخ ١٤ جون تي اسپين جي مشهور معروف پيئنٽر جناٿن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

لنسڪيٽ اشوڪ کي پنهنجي پينٽنگ ڏسڻ جي نيند ڏني هئي.
اشوڪ آفيس وڃڻ کان اڳ چئي ويو هو،مان ٻارهين ڏاري آفيس مان ايندس توکي پينٽنگ جي نمائش ڏيکارڻ لاءِ وٺي هلندس.تون تيار ٿي ويهجان ۽ مئبرڊ ۾ اچڻ کانپوءِ ،مون آرام کي ترجيح ڏني.

ويندااسپين جي سفر دوران ڪارگل جي جنگ جي نيوز ٻڌڻ جي بہ بي صبريءَ سان انتظار ڪندي هئي .

اسپين گهمڻ وقت هن ڪافي اسپين جون مشهور تاريخي جڳهيون ڏٺيون.جهڙوڪ توليدو هي تاريخي شهر آهي جنهن کي ڏسڻ لاءِ نہ صرف يورپ پر ٻين ڪيترن ملڪن جا سيلاني پڻ ايندا آهن.توليدو هڪ راجيہ جي راڄڌاني آهي، اهو زرعي علائقو آهي.جتي ڪيئسر ۽جوئر جيان انُ (اناج) جي پوک جهجهي انداز ۾ ٿيندي آهي.فرانڪو جي گذاري وڃڻ کانپوءِ هتي آٽانامس يعني خودمختيار اسٽيٽس وجود ۾ آيون،٣٩ خودمختيار اسٽيٽس آهن.اتي جي ليکڪ سروانتي جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو دنيا جي تقريباً ستر اسي (٧٠-٨٠) زبانن ۾ ٿي چڪو آهي. توليدو واري علائقي جو ٿي پراونس آهن.توليدو جي اللقضار (قعلي) اندر تاريخ جا وڏا داستان موجود آهن.

توهان مٿين لکت مان پڙهي سگهندا تہ توليدو شهر لاءِ ڪيتري چاڻ ۽ سڃاڻ هن ڪتاب مان پوي ٿي.جنهن جي تفصيل پڙهڻ لاءِ ڪتاب وٺي پڙهو.

هن اسپين ۾ ڏکڻ جا سمنڊ ڪنارا ڏٺا ۽ اُتان جي سمنڊن جو لطف ماڻيو:ٻارن کي وٺي ڪري اسان وئلينسيا وارو روڊ ورتو، اسان کي ٤١٤ ڪلوميٽرن جو فاصلو طئہ ڪرڻو هو.وئلينسيا راڄڌاني آهي.اُن جا ٿي پراونس آهن، مئبرڊ جون ١٧ خودمختيار اسٽيٽس آهن ۽ ٥٠ پراونس.
اسپين جي سڄي ملڪ کي مئبرڊ مان هلايو ويندو آهي.ٿي وڏا شهر آهن هڪ مئبرڊ ٻيو بارسولينا جتي عالمي راندين جي چٽاپيٽي بہ ٿيندي

آهي ۽ ٽيون وئلينسيا. اسين پهرين علي - ڪانتي بيچ تي وياسين اُتي وا ٽ تي اِئلدا جو شهر به اچي ٿو. جنهن جي فئڪٽرين جا تيار ڪيل بوٽ سڄي دنيا ۾ ويندا آهن.

اسان سوا هڪ ڏاري علي - ڪانتي بيچ تي پهتاسين اسپين جي گهڻن شهرن تي عربيڪ نالا آهن.جيڪي ال سان شروع ٿين ٿا. ال ميريبيا، ال ڪوڪورن وغيره .اتان پتو ڪندي سينٽخوان جنهن کي انگريزيءَ ۾ سين جان ڪري ڪوٺين،اُتي پهتاسين .سنڌو ۽ دويش پنهنجا سوئمنگ ڪاسٽيومس ۽ بال وغيره کڻي بيچ جي ڪناري طرف ويا ، اشوڪ ۽ مان هنن جي پوئتان به ٽيوب کڻي بيچ طرف قدم وڌايا سامهون ڪيترا مرد ۽ عورتون بيچ جي واريءَ تي ليٽيا پيا هئا. اشوڪ چيو هاڻي هن بيچ تي ڏسجانءِ مايون اُگهاڙي ڇاتيءَ لاءِ سنڌي لفظ چوندي چيو ..... توکي نظر ايندي.

هنن اُتي بينيڊرم بيچ به ڏٺو.

ويناسپين جي راندين تي لکندي چيو آهي اُتان جي فو ٽ بال راند مشهور آهي پر بُل فائيٽنگ ڍڳن جي ويڙهه ،هتي ڏاڍي لطف سان ڏٺي وڃي ٿي.

هن يورپ جا ڇوڏا به لاٿا آهن.هيءَ ته ماڻهن تي ظلم ڪرڻ لاءِ دانهون ڪندا آهن پر جانورن تي ظلم ٿئي ٿو اُن لاءِ زبان مان ڪا ٻڙڪ ٻاهر نه ٿا ڪڍن.وينا جي لفظن ۾ پڙهو : سامهون ٽي.وي تي بُل فائيٽنگ هلي رهي هئي.هڪ ٿلهو ڪارو متارو ڍڳو ان تي وار ڪندڙ نوجوان ،جنهن کي رنگ برنگي ڳاڙهي سونهاري رنگ جو لباس ۽ ٽوپي پهريل،هٿن ۾ ڳاڙهو ڪپڙو،ڏيکاري ڍڳي کي ماڇرائي رهيو هو. اسٽيڊيم ماڻهن سان ڪاڇا ڪاڇ پريل هو،سندس ٻئي هٿ ۾ ڇهنبدار ڀالو، اهو زوردار وار ڪري ڍڳي جي پٺيءَ تي واهي ڪيپائين ،جيڪو ستو ڍڳي جي پٺيءَ ۾ کپجي ويو .هڪ پيو ميدان ۾ لٿو ان به زودار نموني ڍڳي تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

وار ڪيو. ان طرح چار ڇٽا ميدان ۾ لٿا، مکيہ ٻُل فائيٽر تي اگر ڍڳو وار ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي پيو تہ پيا اُن تي وار ڪري، اُن جو ڌيان اُتان هٽائين پيا. اُنهن پنج پالا ڍڳي جي پٺيءَ ۾ کپي، ڍڳي کي رتو رت ڪري ڇڏيو. ماڻهن جون زوردار تاڙيون هيون. چوندا آهن مروئان موت ملوڪان شڪار. نيٺ ڇهنبدار پالي سان انکي گهايل ڪري ڪيرائي ڇڏيائون. ۽ بل فائيٽر فخر وچان ڳاٽ اُوچو ڪري ڪاميابيءَ جو سهرو سر تي ٻڌي تاڙين جي گُڙ گُڙاهٽ ۾ مسڪرائيندي رنگ کان ٻاهر وڃي رهيو هو. منهنجا هٿ نہ ئي حاضرين جيان تاڙين لاءِ کڄيا ۽ نہ وري لبن تي واهہ! واهہ! پر افسوس ضرور ٿيو. اها ڪهڙي بهادري جو جانورن کي چتو ڪري مارجي. اولهہ جا ملڪ ايشيائي ملڪن ۾ جانورن تي ظلم ۽ بيدرديءَ تي خوب هاءِ گهوڙا ڪندا آهن پر اسپين جي ان بيرحم تشدد پري راند کي بند ڪرائڻ جي اڄ ڏينهن تائين جريت ڪان ڪري سگهيا آهن.

هن اُتي گرناڊا، قرطبہ، سويجا ۽ پورچگال جي بہ ياترا ڪئي. هن اسپين ۾ ڪاجهہ پيون شيون بہ ڏٺيون. جنهن ۾ هيون پاردو ميوزم، سٽي پئلس، شاهي محل، ايسڪوريل، وئلي - آف - فالن ۽ خيانتو (اسپيني خانا بدوش).

هي اسپين جي ياترا ڪرڻ واري وقت ۾ آمريڪا جي سنڌي سميلن ۾ بہ شرڪت ڪرڻ ويئي. ڏسجي تہ اشوڪ جي پيار هن کي پريءَ وارا پر ڏنيون بيٺو هو. جنهن طرف اُڏام ڪرڻ چاهي پئي، هن جو پروگرام ٺهي وڃي پيو. هن جيڪو آمريڪا جي فئشن شو پيش ڪيو اُهو آمريڪا جي سنڌين کي حد کان وڌيڪ وڻيو. هن پروگرام آمريڪا ۾ چار چنڊ لڳايا هئا. هن پروگرام ۾ جيڪي پيا پهتا، انيلا سندر ۽ ٿولو، تيلجي پوچواڻي، مظهر حسين. شري رام چيتملاڻي، شري سريش ڪيسواڻي، پرڪاش هندوجا، ڊاڪٽر ستيش روهڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سوين سک ھجن پر ماتر ڀومِيءَ جا اھنج ڀ آھن. آفرين توھانجي حب وطن کي، پرڻام، وري ڀ پرڻام.

اسان دل چيو لاھيون سنڌ تہ سيني ۾ آ ھي،

اوھانجو ڀاءُ

راڌا ڪرشن

چيف ايڊيٽر سنڌي گلشن

⌘⌘⌘⌘⌘

ڪيچان آيو قافلو

ڀہ اکر

جتي وڏا وڏا سياسي ۽ سماجي سوچيندڙ پارٽي سنڌي سنڌيءَ کي وسارڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آھن، اُتي وينا جي جگر کي شاباس ھجي جو ھيءُ ڪتاب (ڪيچان آيو قافلو) پيش ڪري وري سنڌين کي پنھنجي پاڙن ۽ پسمنظر ڏانھن رفر (ڌيان) ڇڪايو آھي. سنڌي چاھيندڙ ۽ قوم جا گھٽگھرا جنھن ماءُ جي ھُنن ڌاڃ پيتي آھي اُھي ڪڏھن وساري نہ ٿا سگھن.

سويو گيانچنداڻي

١٦ جولائي ٢٠٠٥ع

نئي دھلي

ڪيچان آيو قافلو

(شاھہ لطيف تي مقالا مارئي پبليڪيشن)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پشاور ۽ اُن جي آس پاس وارو ملڪ). اسان ڪي ڄاڻ آهي تہ سنڌ جي ململ ملڪان ملڪ مشهور هئي، جنهن لاءِ ڪاڪو پيرو مل چوي ٿو تہ - دنيا جون ڪيتريون قومون اجان سياري جي سوڙ تاڻي سمهي پيئون هيون تڏهن ڪيترو وقت سنڌ جي ململ سان پهنجو بت ڍڪينديون هيون.

قديم سنڌ جو مصنف لکي ٿو: جيڪو ڪپڙو ديسي ڪپهہ سان اُٽيل آهي. تنهن مان اها ڳالھ ظاهر ٿئي ٿي تہ پنج هزار سال اڳي بہ سنڌ ۾ ونئڻ جي پوک ٿيندي هئي. ڪپڙي اُڻڻ جا آڏاڻا بہ هئا. قديم سنڌ جو ليکڪ رگ ويد جي هڪ منڊل جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: سنڌو نديءَ جي استوتي ڪندي سنڌ کي سئواسا يعني سهڻا ڪپڙا پيدا ڪندڙ بيان ڪيو ويو آهي.

سنڌ مٿان وقت بہ وقت ڌارين قومن جي يلغار رهي،

ايرانين، يونانين، عربن مغلن ترخانن، انگريزن ۽ پورچگيزن جون ڪاهون رهيون انگريزن ۽ پورچوگيز اکنڊ پارت ۾ ڪوٺيون وڌيون. موهن جي دڙي مان جيڪي شيون هٿ آئيون اُنهن مان آڳاٽي دور جي ڄاڻ پئجي سگهي ٿي.

منهنجي خوشقسمتي رهي جو قديم سيپتا جي ان عظيم تاريخي يادگار موهن جي دڙي کي بہ پيرا ڏسڻ جو موقعو مليو هڪ ۱۹۸۶ ۾، جنهن سفرتي، پکا ۽ پنهوار ڏٺي مون ڏينهن ٿيالکيم، ۽ ۱۹۸۹ ۾ سگا جي نيندنب تي عالمي سانچل ڪانگريس ۾ شرڪت ڪرڻ جو وجهہ مليو اُن سفرتي، ڪچان تان ڪافر، سفرنامو لکيو جنهن ۾ ذڪر ڪيو اٿم. جن شين جي نہ صرف تاريخدانن جي حوالي سان ڄاڻ پيئي پر تن کي اکين سان ڏسڻ جو موقعو بہ مليو، موهن جي دڙي مان اُٽيل ڪپڙو، ۽ اجرڪ واري ڇاپي واريون ڊيزائين وارا نشان وغيره.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

دور ۾ سوٽ بوٽ ٽاءِ ۽ ٽوپلي جو رواج پيو، پٽڪو ۽ ٽوپي لباس جو اهم حصو هو. هٽ واٽيا وري گوڏي تي ڏوتي ۽ گنجي. وغيره. گول ٽوپي جنهن جي چئني طرف پيلي رنگ واري ڌاڳي سان مشين جي ٽوپي سان بزائين تيار ڪيو ويندو هو. هوڏانهن هاري ناري ڪڙمي ڪاسبي گوڏ ۽ خميس، يا گوڏ ۽ گنجي، ڪلهي تي بوڇڻ يا انگو ڇو . سنڌ جيڪا صوفي سنتن جي ڌرتي هئي، تنهن تي عربن جي حملي ڪري اسلامي رنگ چڙهيو ۽ هندو مسلمانن جي پوشاڪن ۾ فاصلو وڌڻ لڳو، پر هن وقت سونهاري سنڌ ۾ اجرڪ ڪاين جي ٽوپي سلوار خميس هرسنڌيءَ جي تهذيبي سڃاڻپ بڻجي وئي آهي. صوفي فقير گيڙو رتا ڪپڙا تہ ڪي ڪارو چوغو ۽ پڳت جامو ۽ پڳ پهريندا هئا،جيڪو هن وقت ڪي ڪي پڳت پا ئين پيا.

آزاديءَ کان پوءِ هتي هندستان ۾ سنڌين جي لباس تي نظر ڪبي تہ اسان جون اوائلي پوشاڪون وڃن ٿيون گم ٿينديون. ورهاڱي ڪري الڳ الڳ صوبن ۾ ٽڙي پکڙي ويل سنڌي جاتيءَ جي پهراءُ ۾ وڏي تبديل اچي وئي آهي، نہ اڳيون ٽوپيون آهن نہ وري پٽڪا .سٿڻ خميس يا ڪڙتو رات جو يعني (ڪئجيول ويئر) طور استعمال ڪيو پيو وڃي ،نہ تہ ڏينهن رات سوٽ بوٽ چڙهيوئي پيو آهي. سنڌي ڪچهرين ۽ شادي مرادين جي محفلن ۾ سنڌي ويس وڳا ڏسڻ وٽان ئي نٿا اچن. اهڙين حالتن ۾ پهنجي جيجل جي ٻوليءَ واري ٻول چال ٻُڌڻ لاءِ ڪن ۽ پوشاڪون ڏسڻ لاءِ اکيون آتيون هونديون آهن، ڪي روئنشي طور يا ڪي جهوني ثقافت کي زنده رکڻ لاءِ فنڪشن تي ٽوپيون پهرين يا پکرون ۽ بوڇڻ وجهن . هندستان ۾ تہ اولهہ جون پوشاڪون اسان جي لباس تي حاوي پئجي وئيون آهن اُلهاسننگر،بئر اڳڙه ڀوپال، احمدآباد، آديپورگانڌيڌام ، اجمير ۽ ڪن ٻين هندن جي سنڌي بستين ۾ ڪي بزرگہ ڪاڪا ڌوتي ڪڙتو پهريل يا ڪي وڏڙيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

ڪنداسين ڇا هيءَ اسان جي ٻول چال واري ٻولي آهي؟ جڏهن خدا ئي ٽنگون ٽيڙيون تہ ٻندن جو ڪهڙو ڏوهہ ، اهڙين حالتن ۾ عام کان اُميد ڪرڻ اڪن ڪان انب گهرڻ آهي.

سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ڪتب ايندڙ ڪجهہ پهاڪن جو مثال ڏيان جيڪي عام طور ٻول چال ۾ ڪتب ايندا هئا. جن لاءِ اسان جي وڏڙين ڪا پي. ايچ. ڊي. ڪان ڪئي هئي. گهر جي ماحول مان ئي ننهرن ڌيئرن ڀُڻي ڀُڏائي ان کي برقرار رکنديون آئيون. (١) رُسي آهي گهوٽ سان ٻُالهائي نہ ٿي ٻُوٽ سان، (٢) آئي ٽانڊي تي بورچاٽي ٿي ويٺي، (٣) نڌٽڪا گهوڙا غئباٽا هسوار، (٤) بيٺل پيرتي هرڪو پتر هٽي، (٥) جتي وڻُ ناهي اُتي ڪانڌيرو بہ درخت آهي (٦) گڏهہ تي چڙهٽو تہ ڪهڙو گهو نگهٽ ڍڪٽو، (٧) نئين ڪنوار نو ڏينهن لٽي پٽي ڏهہ ڏينهن، (٨) ڏنو پٽ ڇٽي جو ، (٩) ستي ٿي سيڙائي لنڊي تي لاڏ ڪري، (١٠) فقير دعا ڪجانءِ جهڙي نيت تهڙي مراد، (١١) مائرن مانيون ڪوٺي ڪارائي ڪون ڪو، (١٢) مرُ مارين پائرا سسيءَ ڏئي لت، (١٣) ٻڪ ۾ بصر پلا، (١٤) سخيءَ کان شوم پلوترت ڏئي جواب ، (١٥) لاڪو ڪٽي باريجو ڪائي، (١٦) نيڪي ڪر درياهہ ۾ لوڙه، (١٧) ڪائڻ مهل ڏاند آهيان وهڻ مهل گا بو، (١٨) گهر ويٺي گهران اگڻ آئي نہ سهان، (١٩) وات وڪيل (٢٠) مروُعان موت ملوڪان شڪار، (٢١) پرائي دُهلئي احمق نچي، (٢٢) آپ نہ پلي ڏوجان متان ڏيوي، (٢٣) لُولي ڇٽي ڪتڻ کان ڪڏڻ لڳس ٻار، (٢٤) گهر جو پير چلهہ جو مارگہ (٢٥) آ بلاڙي ويندي ءَ ڪاڏي (٢٦) ميلي جي موٽ ٻچڙي، (٢٧) آه غريبان قهر خدائي، (٢٨) گهر مان لڳڻُ (٢٩) لئيون ٻوڙن سان ٻوڙا لئين سانوچڙائڻ، (٣٠) جنهن هٿ ۾ ڏوئي ٻڪ مري سوئي (٣١) جيڪي چلهہ تي سو دل تي، (٣٢) رب ڪيو مون تي وڏو ٿورو مڙسُ مليو ڇنو ڇورو، (٣٣) ٿونٽ لڳي ساهڙي پڳي، (٣٤) وار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# پتنگن پھ ڪيو

سنھيءَ سئيءَ سبيو مون مارن سين ساھ(شاھ)

پنھنجي مارروئڙن سان ھيءَ نيھ جو ناتو جيڄل جي مٽي ٻوليءَ ڪري جڙيل آھي. اوھان جا ڏک سور، منھنجا ڏک درد. اڄ مرد چاھي عورت جي من ۾ ور ور ڪري اھو سوال اُڀري رھيو آھي - آزاديءَ جي پنجاھ سالن جي تاريخ ۾ اسان ڇا پاتو ڇا وڃايو؟ورھاڱي جو درد يا آزادي

غلامي لعنت آ، آزادي نعمت آ

آزاديءَ جي روپ ۾ اسان کي نعمت عطا ٿي، اسين آزاد ڀارت جي سيڪيولر فضا ۾ زندگي گھاري رھيا آھيون پر پوءِ بہ اسان جو ضمير ور ور ڪري سوال ڪري ٿو - آزاديءَ سيڪيولرزم جي ناءَ تي سنڌين کي صدقي جي ٻڪري ڇو بڻايو ويو؟

اڄو سورن واريون ڪريون سور پچار

ڪنھين گھٽا ڪنھين ٿورا نام ڪا سورن ڏار(شاھ)

ائين ھر انسان جي زندگيءَ جو ڏکن سورن سان چولي دامن جو ساٿ آھي، پر نازڪ جنس جي جھوليءَ ۾ ڪاجھہ وڌيڪ ئي حصو پلئہ پيو آھي.

الا ڏاھي ۾ ٿيان، ڏاھيون ڏک ڏسن(شاھ)

اسان جي سماج جي عورت ساھت، ڪلچر، علم ادب جي مختلف کيترن ۾ پنھنجي وت آھر پاڻ پتوڙي رھي آھي. ڇا سنڌي عورت کي اڪيلي وڏڻ لاءِ ھمٿايو ويو آھي؟ ۽ ڀين جاتين جي ڀيٽ ۾ ان کي برابريءَ جا حق پلئہ پيا آھن؟ اھي چند سوال آھن جيڪي ھر با شعور انسان جي ذھن ۾ اُڀرن ٿا. عورت بنيادي طور تخليقڪار آھي. وڻ جي ڇانو جي آھي، مون پنھنجي جذبن جو اظھار پنھنجي مڪ ڪويتا ۾ ھن طرح ڪيو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مان
ڳهاٽي وڻ جي
ڇانو آهيان
هر راهي
رهگذر لاءِ
راحت آهيان
پوءِ بہ هر ڪنهن
ڇوڏا لاٿا آهن.

ڏکن سکن جي ڪٿا مان ئي ساهتيہ جو سرجڻ ٿئي ٿو.رچنا رچاڄي ٿي.سنڌي ساهتيہ جي الڳ الڳ صنعفن ڪي منهنجي قلم پنهنجي سوچ ۽ آزمودن موجب سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي،پوءِ چاهي سونهاريءَ سنڌ جون يادگيريون هجن يا سنڌ جا سفرناما هجن.زندگي جي ترجماني ڪندڙ الڳ الڳ ڪردارن واريون ڪهاڻيون يا خيالن جي اُڏام کي جهٽي آزاد نظم جي روپ ۾ قيد ڪرڻ واري ڪوشش هجي.هيءَ سڀ مرحلا زندگيءَ جي الڳ الڳ حادثن تجربن ڏکن سورن جي نمائندگي ڪندڙ آهن.هونءَ بہ ادب زندگيءَ جو آئينو آهي. ان درپن (آرسيءَ) ۾ عورتن پاڻ سان ڪهڙا دل لپائيندڙ ڪردار ڏنا يا پيانڪ عڪس،اِهو سندن لکٽين مان بخوبي عيان ٿيندو.ڪنهن بہ قوم جي خوشحالي،ترقي، زوال ۽ عروج جي تصوير اهو ادبي سرمايو ئي تہ آهي جيڪو پيڙهي در پيڙهي ان کي زندهہ رکندو پيو اچي. اڄ اسين جنهن دور مان گذري رهيا آهيون اُهو ويهين صديءَ کي لتاڙي ايڪويهين صديءَ جي چانئٺ تي پير رکي رهيو آهي. اسين آزاديءَ جي جشن جا پنجاهہ سال ملهائي رهيا آهيون يا ائين چوان ورهاڱي جي درد کي شدت سان پوڳي رهيا آهيون:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پتنگن پھہ ڪيو ،مڙيا متي مچ

پسي لھس نہ لڇيا سڙيا متي سچ(شاھ)

سچ تان سر صدقي ڪرڻ لاءِ وڏو جگر کپي،ڇا سنڌي عورت ان سچ ڪي بيان ڪرڻ ۾ ڪامياب ويئي آهي؟يا سندس هٿ اڃان تائين لرزي رهيا آهن؟نازڪ جنس جي حيثيت۾ اها دعويٰ بلڪل نہ ڪنديس تہ، سنڌي عورت سچ سان مُهاڏو اٽڪايو آهي جو مونکي تاريخ ڪڏهن معاف نہ ڪندي.سنڌي عورت سچ ۽ ڪوڙ ،هٿ نهٺائي،فخر، شرم ،مريادائن ۽ پرمپرائن جي حد بنديءَ واري سرحد جي ليڪ واري صليب تي لٽڪيل آهي. ان لاءِ ڪنهن هڪ کي ٽلاهي ٺهرائڻ واجب نہ ٿيندو.ورهاڱي جي واءُ ڪري پنهنجن اباڻن پڪن کي الوداع ڪري ڀارت جي يونءَ تي اچي مختلف تهذيبن کي اپنائڻ ۽ وري روزي روٽي ڪمائڻ،گهر ٻارن جي پرورش لاءِ پاڻ پتوڙڻ،متا ن وري فئشن جي مار اهڙين حالتن ۾ سنڌي عورت جيڪي ڪجھہ حاصل ڪيو آهي،اهو چاهي علم ۾ هجي يا ٻين کيترن ۾ تَوَجُھ ڇڪائيندڙ ضرور رهيو آهي.مان سنڌي ادب جي وسيع ڪئنواس کي مختصر وقت اندر پيش نہ ڪري سگهنديس پر ٿوروڪيگهٽو پسمنظر۽تجزيوپيشڪنديس نہ صرف ساهتيہ پر ڪن ٻين پهلوئن تي سرسري نظر ڊوڙائيندس . پوءِ چاهي سنگيت جو کيتر هجي ياڪلچر،نرتيہ هجي يا ناٽڪ، الڪٽرانڪ ميڊيا هجي يا جنرلزم جو کيتر يا سنڌيت جي هلچل انهن سيني کيترن ۾ ان جي پورهي جي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ جهلڪ ملندي.

ساهتيہ جي سرجڻ ۾ سنڌي عورتن جي قلم ڪو ڀارت ۾ اچي رنگ نہ لاتو بلڪ اکنڊ ڀارت جي ادبي اتهاس جي تاريخ جا ورق ورائڻ تي ڏسبو ليکڪا گلي .سدارنگاڻيءَ پنهنجي ناول ذريعي ٿرٿلو آڻي ڇڏيو.ورهاڱي کان اڳ آزاديءَ جي هلچل ۾ دادي لڪشمي ستوا ۽ ٻين کيترين ڀينرن پنهنجي آزاديءَ جي جدو جهد سان سرشار جذبن کي نثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

۾ نظم ذريعي اظهاريو. مختلف اخبارن جي ڪالمن ۾ سماجي اوُٽاين تي قلم ڪنيو. دادي ڪملا هيرانند، سيتا سامتاڻي، دادي گوپي موتواڻي، دادي پارپتي آڏواڻي هاڻي يا پروفيسر پوپٽي هيرانداڻي، سندري اُتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش ۾ پيون ليکڪائون هاڻ اڄ ناول ۾ ڪهاڻيءَ جي کيتر ۾ ڪيترا نالا زبان تي اچي وڃن ٿا. ادب دوران ناريءَ ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ وارو زنده مثال پوپٽي هيرانداڻيءَ جو آهي. هن نه صرف سماجي بندشن کي ٽوڙي بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو پر ميل ڊامينيٽيڊ ورلڊ سان مُهاڏو اٽڪايو. عورت جي نازڪ جنس ۾ مُبهم طور لکڻ وارين روايتن کي خارج ڪري جيڪا هن ڪويتا لکي تنهن تي ڪيترن مردن ڏندين آڱريون ڏنيون. هوڏانهن ڪلا پرڪاش ۾ سندري اُتمچنداڻيءَ ناولن ۾ مخصوص انداز وارين ڪهاڻين سان ادبي کيتر ۾ جاءِ جوڙي آهي. تارا ميرچنداڻيءَ جا ڪردار جذبن سان سرشار نظر ايندا. ادب جي مختلف صنفن تي قلم کڻڻ وارين ليکڪائن جي وڏي فهرست آهي. وينا شرنگي، ريتا شهاڻي، ايشوري جوتواڻي، رتنا گويد يا اندرا واسواڻي، مايا راهي، ڊاڪٽر سُيدرا آنند، ڪملا گوڪلاڻي، پارو چاولا، ديوي ناگراڻي، ومي سدارنگاڻي، اندرا شبنم، پروفيسر ميناگوپ روپچنداڻي، ڊاڪٽر سُشيلا موتواڻي، پريم لتا عيدناڻي، شالني ساگر، انيتا ڪمل پياسي، مايا گاراڻي هتي مونچند نالا پيش ڪيا آهن. ناٽڪ جي کيتر ۾ مايا ايسراڻي، لتا گپتا، پشپا مالهي، وغيره سنگيت جي ذريعي ادب جي شاخ شاعريءَ کي عام تائين پهچائڻ ۾ پيگو نتي ناواڻي ، ڪملا جهانگياڻي، ڪملا ڪيسواڻي، ڪلان هزاري، تيالجي پوچواڻي ،سپنا رائسنگهاڻي، وشني ايسراڻي، شانتي هيرانند، نرمل چيناڻي، اُما لالا ،پارو چاولا ،ڊاڪٽر سروجني، پدما گدواڻي، ۾ پين ڪيترين ڳائيندڙ فنڪارائن جو يوگدان آهي. اِيليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ پنهنجي آواز ذريعي ادب جي خدمت ڪندڙ شخصيتن کي نه ٿو وساري سگهجي آشا منشار اماڻي، وينا شرنگي، شرميلا

ملڪاڻي، بنيتا ناگپال، شالني ساگر ،نئين پيڙهيءَ جي نمائندگي ڪندڙ شالني ساگر جي ڪويتا سو ڪالبد رزرويشن جون آخري سٽون پيش ڪريان ٿي.

مان حيران آهيان/تنهنجي ان سوچ تي/ تہ تون اَڄ/
پارليامينٽ ۾/بل پيش ڪري/مون لاءِ ٣٣ سيڪڙو
رزرويشن محفوظ ڪرڻ چاهين ٿو/پر مون توکي
اِن سوڪالبد اِزرويشن/جي پنڌنن کان / آزاد ڪيو /
تون چا مونکي ڏيندين/ آد جڳاد کان/مون تو لاءِ ڪيو آ/
ءُ آئيندي بہ/ڪندي رهنديس/تون تہ خود /منهنجي پيار /
منهنجي ءُ ڪروُٽا/منهنجي ٿاڃ جو / قرضدار آهين!

عورت جي جهوليءَ ۾ ٽئلنٽ جي آتر تي نہ بلڪ سو ڪالبد رزرويشن جي آڌار تي ديا ڪرڻ وارو هيءُ ڪارنامو بہ مردن جي تنگ دليءَ ڪري پارليامينٽ جي گوڙ گنبوڙ ۾ ائين ئي رهجي ويو.

هتي سرحد پار جي سنڌي اديبائن جو ذڪر ڪرڻ بہ چاهيندس ،جيڪي جاگيرداري نظام واري ڪاري ڪاري غيرت - بي غيرت ۽ پين سماجي مسئلن ۽ اُٿائين خلاف قلم کڻي رهيون آهن ۽ ڪئي عزت پريا نالا ذهن ۾ اُڀر ي اچن ٿا.نورالهدا شاهہ، مهتاب محبوب محتاب اڪبر راشدي،خير النسا جعفري ،ثميرا زرين،فهميدا حسين ،ساحر امداد، عطيہ دا ئود،نظير ناز،تنوير جوڻيجو،پُشپا وليپ،سلطانہ وقاصي،وغيرھ وغيرھ ۽ بہ پيون بيشمار ذهين عورتون شامل آهن. چاهي سنڌيت جي هلچل ۽ سنڌي سماج جي بهبوديءَ جي ڳالهہ هجي،مان سمان ڏيارڻ جي ڳالهہ هجي،دادا ساڌو واسواڻي ۽ پين ڪيترين حثيتن جا نالا زبان تي اچن ٿا.ميران موُمينٽ ذريعي پينرن ۾ تعليم لاءِ ساڃاڳيءَ پوجيہ مان هري ديوي پي.واسواڻي جو ميران موُ مينٽ ۾ ڪردار تاريخ ۾ سُنهري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

لفظن ۾ درج ڪيو ويندو. ورهاڱي کان اڳ دادي ڄيٺي سپاهيملاڻي، پارپتي گدواڻي ۽ ان طرح ٻين بي شمار ليکڪائن جي شيوائن جو قرض اسين ڪون لاهي سگهنداسين. ان سلسلي ۾ سنڌي ليکڪائن جي سماجي سياسي ۽ ڪلچرل تنظيم مارئي جي ڀرپور رنگ لاٿو ١٩٨٧ع ۾ پهريون ڀيرو سرڪاري سطح تي شاهه لطيف جي عالمي ڪانفرنس ١٩٨٧ع ۾ ڪوٺائي هند ۽ سنڌ جي اديبن ۽ فنڪارن وچ ۾ جيڪو رابطو جوڙيو ان سنڌيت جي تاريخ ۾ هڪ نئون باب جوڙيو. حالانڪ مارئي سنستا جي ڪاميابين ڪيترن مردن جي دلين ۾ خوف پيدا ڪيو جن چاهي واٽي ان جي تاريخ کي لٽ مٽي (ميٽ) ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هٿ ٺوڪين سنستائن تي ڪوڙا قصيدا لکي گرانٽ وٺي، ٻئنر ٺهرائي پنهنجا شخصي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ حرفت باز عورتن جي پٺي ٺپڙي -

**اندر ڪارو ڪانو ٻاهر ٻولي منڄ جي - (شاهه)**

پر ڪي ليکڪ عورتن جي لاءِ ليکڪائن جي منچ تان سُٺو ڪم به ڪري رهيون آهن جن تي جاتي فخر ڪري سگهي ٿي.

سچائيءَ کي روڪڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو آهي. مارئي طرفان چار عالمي سيمينار، ٻين صوبن سان گڏ سورج ڪنڊ ثقافتي ميلي ۽ ليهه لداک ۾ ڪلچرل پروگرام تاريخي رڪارڊ آهي. جنهن ۾ شانتي هيرانند، ڊاڪٽر ڪملا گدواڻي، پروميلا شرما، راڌڪا واڌواڻي، شالني ساگر، موهني لونگاڻي، پدما گدواڻي، ڊا. سروجني ۽ مون جهڙن ادنيٰ شخصيتن جو ڀرپور شامل آهي. نئين پيڙهيءَ جي ڇوڪرين کي ڪلا جي کيتر ۾ همٿائڻ گهرجي.

هتي مان صرف عورتن جي حاصلاتن جو ذڪر ڪندس ۽ ڪمين پيشين جو نه ته منهنجو ضمير مونکي ملامت ڪندو ائين ته پنج ئي آڱريون برابر نه ٿينديون آهن. پر اهڙو طبقو به آهي جيڪو مردن سان ها ۾ ها ملائي پنهنجي مفادن خاطر مان سمان کي تاڪ تي رکي ترقيءَ جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سنڌي عورتن تي وڏي جوابداري عائد ٿئي ٿي. **تنهن ڪري ڪام ، ڪانهي ويل ونهن جي** جستجو جي ضرورت آهي. اُميد ڪريان ٿي اوهان سان زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي ملاقات ٿيندي. لطيف سائين جي هن بيت سان پنهنجي جذبن کي پيش ڪنديس.

**ڪٿا منجهہ قرار هئا هيڪاندا سنگہ ۾**
**ڳامي ڳام فرق جي ڪيائون ڏارئون ڏار**
**نہ چاڻا پيهار ڪير ملند ا ڪِن سين ا (شاهہ)**

( سنڌي سماج ۽ ساهتيہ ۾ مهلائن جو يوگدان . مڌيہ پرديش سنڌي ساهتيہ اڪادمي ليڪچر. ۴ نومبر ۱۹۹۸ع)

⌘⌘⌘⌘⌘⌘⌘⌘⌘⌘⌘⌘

۱۹۲۷ع ۾ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي کان الڳ ڪري جدا پرانت بڻايو ويو. انڪري سنڌ کي پنهنجي اسيمبلي ملي. ڪراچيءَ جي استرين لاءِ هڪ جڳهہ محفوظ رکي ويئي جيني پيڻ اِها جڳهہ ڪٽي. اسيمبليءَ ۾ بردباري ۽ حوصلي منديءَ سان ڪمُ ڪيائين. جنهنڪري چڱو ڏاڪو جمايائين. اسيمبليءَ ۾ گهڻائي مُسلمانن جي هئي ، پر انُهن کي بہ جيني پيڻ جو گهڻو قدر هو، جنهنڪري هوءَ يڪراءِ اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر بڻي. جيني پيڻ ۾ همت، حوصلو ۽ هوشياري اهي تيئيڳُڻ هئا. انڪري سنڌي هندو جهڙوڪ ياڻي پرتاپ ۽ سنڌي مُسلمان جهڙوڪ جي. ايم سيد توڙي پارسي جمشيد مهتا ٽيئي ڪيس مردن جو مٽُ سمجهندي سنديس ساٿ ڏيندا هئا ، ٽيئي سنديس گهرا دوست هئا جن سان هوءَ هيڪ بنا دوستيءَ جو ونهوار ڪندي هئي.

(پاڻ سڃاڻ سُپرين سيتا سامتاڻي - مارئي پبليڪيشن ص. ۳۹ - ۴۰)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

**ويچارا وجود جي ڪنهن سان ڪن نہ ڳالھ**
**نانگا ٿيو نهال، لڪا پٽن لوڪ ۾**

**(شاھ)**

پٽائي گهوٽ سُر رامڪليءَ ۾ جوڳين جو ذڪر ڪيو آهي، جوڳين ڪان مُتاثر ٿي گيڙورتا ڪپڙا پائي سيرو سفر تي نڪري پيا. سنڌ جو محقق جناب تاج صحرائي بدر ابڙي جي ڪتاب **هنگلاج ۽ لاهوت** جي مُهاڳہ ۾ لکي ٿو: -

لاهوت جو سفر گهٽي ياگٺي پهاڙن ماترين ۽ نئين وارو پنڌ آهي. نئين ۾ تورو گهٽو پا ٽي رهي ٿو، جنهنڪري رستي جي پنهي پا سن ڪان آبادي ۽ ساوڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جتي بسون، جيپون ۽ موٽر سائيڪلون نظر اچن ٿيون، جنهنڪري سواريءَ ۾ گهٽ تڪليف ٿئي. ان جي مقابلي هنگلاج جو سفر وڏو صبر آزمائش ۽ استقلال جو سفر آهي. جنهن لاءِ شاھ لطيف فرمائي ٿو: -

**بکہ وڏائون بگرين، اوتي پيتائون اڄ،**
**سامي جهاڳي سڄ، وڃي وسن ڪي ويجهو ٿيا**

**(شاھ)**

هنگلاج جي سفر ۾ ميلن ۾ اوهانکي نہ وڻ نہ ٽڻُ، نہ ڪرڙ نہ ڪانديرو، نہ پکي نہ پکڻ، نہ ماڻهو نہ مرون ڏسڻ ۾ ايندو، سموري ڪائنات هڪ وڏي ويڪري رڻ پٽ وارو ڏيکہ ڏيندي، هيٺ مٿاهيون واري ڏوڙ، مٿي مٿان نيرو گنبذ ۽ بس!.

لاهوت ۽ هنگلاج ساچ جي جي تلاش واري اهڙي ڏکهي سفر جا نشان آهن، جن ڏانهن پٽائيءَ جاپيرا بہ نظر اچن ٿا ۽ اهو تسليم ڪندو نظر اچي ٿو تہ هنگلاج واري ماڳہ تي ڏيان گيان وارو سلسلو بہ درست آهي چاڪاڻ تہ بُنيادي معا ملو شعور حاصل ڪرڻ جو آهي. سوچ ويچار هر هنڌ ڪري سگهجي ٿو ۽ ساڳئي نتيجي (ساچ) تي پهچي سگهجي ٿو. (بدر ابڙو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

نانگہ جي ڏنگيل ماڻھوءَ کي وقت سر علاج نہ ملي تہ حياتيءَ تان هٿ ڌوئڻا ٿاپون.چوندا آهن زهر کي زهر ماري،نانگہ جي زهر کي جوڳي چوسي ڪين،جان بخشيندڙ ٻُٽيءَ جي دان ڏين. نانگن جا ڪئي قسم ٿين، اسان و اسينگہ نانگہ جو قصو تہ ٻُڌو بہ آهي ۽ ڌرمي ڪتابن ۾ پڙهيو بہ آهي.نانگہ جي ڦوڪ هڻڻ ڪريشر يڪرشن جو رنگہ سانورو ٿي ويو،شو جي ڳلي ۾ نانگہ نظر ايندو.هندو نانگہ پنچميءَ تي نانگہ اڳيان کير ڪٽورو رکي پوڄا ڪن.هتي هندوستان ۾ جوڳين جون کهڙيون بستيون آهن ا ها چاڻ تہ ڪان آهيسنڌ ۾ تہ جوڳين جون بستيون ئي الڳہ آهن اهو چيو تو وڃيتہ جوڳين جو اصل ماڳہ عمرڪوٽ آهي،هونءَ اهي ڳوٺن ۾ الڳہ بستي ٺاهي رهن.انهن جوڳين جو دارومدار گهڻو تڻو نانگن ڦاسائڻ تي،انهن جي رهڻي ڪرڻي ۽ قبيلو ئي الڳہ.

ڪافي عرصو اڳہ سنڌ جي اخبار ۾هڪ ساڄڻ غلام رسول نظاماڻيءَ جي آرٽيڪل پڙهيم.اُن جي لکڻ موجب هن وقت عمر ڪوٽ ۾ جوڳين جا ٽي هزار گهر آباد آهن،يعني جوڳين جي اٽڪل پنجاهہ هزار آبادي ٿيندي.جوڳين جو واسطو هندو ڌرم سان آهي.اهي جوڳي ڏڻ وار ريتون رسمون اسان هندن جيان اجان تائين ملهائيندا پيا اچن.هنن جوڳين ۾ وڏ ننڍائي واري روايت مُکي يا سرداري هلندي پئي اچي،جوڳين جو سردار ڦوتو جوڳي بيان ڪيل هو.هڪ جوڳيءَ جي تصوير مان سنڌ جي سفر دوران سنڌالاجي ڄامشوري ۾ ڏٺي هئي بس! چا ٻُڌايان،سندس مُڇون ڏسي ڏندين آڱريون اچي ويون.راجستان جي علائقي ۾ بہ ان طرح جي مُڇين و اري جي تصوير ڏسڻ وٽان ملي ،سندس مُڇيون ڳول ڳول ٽُپٽيءَ جيان ويڙهيل.

جوڳين واري مضمون ۾ سنڌ جو مٿيون ليکڪ بيان ڪري ٿو ڪاڇهہ عرصو سکر روهڙيءَ و اري علائقي جي ڪاري جبل و اري علائقي ۾ حد ۾ حڪومت جي ماڻهن شيشُ نانگہ ڏٺو.عمر ڪوٽ جي (٣٠٠)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# سنڌي ۽ سڪيولر پارٽ
# پلئہ پايو سچ

ماں!

ها تون؟ مان توکي نہ ٿي سڃاڻان، تون ڪير آهين؟

ياد ڪر........ياد ڪر......

ڪنهن کي ياد ڪريان؟

ماضيءَ کي —

مُنهنجي ماضي؟

ها تنهنجي ماضي.......

منهنجي ماضي.......

يعني.......

يعني هڪُئي ورثو ...........تهذيب تاريخ...........پوءِ پلاڙي.........ميلا ملاکڙا، ڪاڇھريون، رشتا ناتا —

مان اوهان جون ڳالهيون نہ ٿي سمجهي سگهان.

اچ اچي منهنجي پر ۾ ويهہ.

پيڻ مان اوهانجي قيمتي ڪالين تي پيرُ ڪئين ترِيان جو منهنجي جُتي قاتل ۽ مٽيءَ ها ٽي آهي .

تنهنجي ان پاڪ قدمن جي مٽيءَ سان اٽوٽ رشتو آهي. تنهنجو منهنجو پنهي جو رشتو آهي.

پر توهانجي رهڻي ڪرڻي، اُٿڻ وهڻ ۽ پو لڇيءَ سان اٽوٽ رشتو ڪئين تو ٿي سگهي؟

پُٽ مان توکي تاريخي پسمنظر ڏيکاريان ٿي .تاريخ جو اهڙو الميو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ٿيو جو وڏي سياسي اُٿل پُٿل آئي. نفرتن جي باهه ڀڙڪي اُٿي. فرنگين جو راڄ هو. اسين اُنهن جي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئاسين. سندن راڄ پوئين پساهن تي هو. جڏهن فرنگين پهنجي زوال کي قريب ڏٺو ته انهن مذهب جي آڌار تي نفرتن جو ٻج ورهاڱي جي روپ ۾ پيش ڪيو. فرقعي پرستن جو مکو متو. فرنگي پهنجي حڪمت عمليءَ تي خوش ٿيا. دشمن جي دانگي ڀڳي ته سُٽو. ڀاءُ ڀاءُ سان ويڙهائي فرقعي پرستيءَ جي وحشي اُگهاڙي تلوار سان، اکنڊ ڀارت جا ٽڪڙا ٽڪڙا ڪيا. مذهبي اڪثريت جي بُنياد تي. ڌرتي ماتا جا ڀاڱا ڀاڱا ڪيا. فرقي وارانا فساد ڀڙڪي اُٿيا. دين ڌرم جي ناءُ تي ڌرتيءَ کي چيريو ويو. چئني طرف خون خرابو، تشدد جي باهه جا شعلا، رت جا ريلا... لاشن مٿان لاش... ڀاءُ ڀاءُ جي خون جو پياسو بڻجي ويو.

اُن وقت جي سنڌي اڳواڻن پنهنجي پونءِ ڀلاريءَ جي ٻلي چاڙهي. پنهنجي ٻوليءَ تهذيب کي ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيو. جيڪي سنڌي شرنارٿي آيا تن کي پنهنجي سڃاڻپ تي منديئڙو پائڻ ۽ حالتن سان پاڻ ٺهڪائڻ جي نصيحت ڪري خدا جا ٻندا هن فاني جهان مان رمندا رهيا. اُنهن قومي سطح جي اڳواڻن جي ميڙاڪي ۾ پنهنجي قربانيءَ جو سڪو چمڪائي جاتيءَ کي مُڏي ڪاتيءَ سان ڪُٺو. ٻئي طرف ٻنهي ترين جي ڪٽرو ادين جي ويڙهه هئي، نه ڪا گهٽ گهوٽ ۾ نه ڪا ڪمي ڪنوار ۾، سنڌي سڀا جهڙن پنهنجن پکن مال متاع کي آلين اکين سان الوداع ڪري وطن گهوري سيڪيولر ڀارت جي ناءُ تي پنهنجي ٻوليءَ جي ٻلي چاڙهي. پنهنجي قديم سڀيتا تي سيڪيولرزم جو ڪفن اُوڍي جتي جتي آباد ٿيا تتي جي ڪلچر ٻولي ۽ تهذيب کي اپنايو. نه صرف اهو پر پنهنجي مٽي مائٽي پنجابي بنگالي، مدراسين، بهاري، مرهٽن، گجراتي، مارواڙين ۽ سکن سان ڳنڍيءَ ساڻن رشتا جوڙيا. سنڌي ڪاروبار خاطر دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ ڦهلجي ويا. ڌارين ٻولين ۽ ڪلچر کي اپنائي جديد دور سان

قدم ملائي هلڻ لڳا.سنڌي جاتي مالي طور ڏينهون پوءِ ڏينهن مالدار ٿيڻ لڳي. اسان جي جاتي ايڪويهن صديءَ طرف تڪڙي وک وڌائڻ لاءِ بنا ساهه پٽڻ جي ڊوڙڻ شروع ڪيو.

پنهنجي تهذيب،ٻولي ۽ وجود کي وسارڻ جي خطري جو احساس ۽ تباهي جو ڏرُ ڏائڻ بڻجي اسان کي ڏهڪائڻ لڳو جڏهن منڊل ڪميشن جو گوڙ گهمسان ٿيو.جنهن جهيڙن هڙتالن دوران ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو.ڪيترن نوجوان نينگرن ۽ نينگرين تحريڪ ملائي هڪ شاگرد راجيو گوسوامي پاڻ کي ساڙيو جواجل جو شڪار بڻيو.سياسي اڳواڻ پنهنجي گدي بچائڻ لاءِ ڏين ڏکين دريدرين جا همدرد بڻجڻ لاءِ ذات پات، اونچ نيچ جي آڌار تي وري ورهاڱو ڪرڻُ شروع ڪيو.پوري قوم ان قدم خلاف اُٿي کڙي ٿي. ان دوران هر هڪ لاءِ الڳ الڳ رزرويشن،ديش جي اقليتي طبقي لاءِ جايئن محفوظ ڪرڻُ جو نعرو ٻُلند ٿيو.پر جن پنهنجو وطن گهوريو، انهن ڌرتيءَ ڌڪاڻن جو ڪنهن ناءُ ئي نہ ڳنهيو.سڪيولر پارٽ کي سنڌين پنهنجي رت جي ريج سان سنواريو آهي هو، تنهن سڪيولر پارٽ جو سريعام سرُ ڌڙ کان ڌار ڪرڻ لاءِ جاتيءَ جي آڌار تي ڪاٽ هٽڻُ شروع ڪيو.

مونکي ياد اچي ٿو (١٣) تيرهين جولائي ١٩٩٠ع جو اُهو پهرجڏهن واشنگٽن .ڊي.سي آمريڪا جي سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (S A N A) جيپئنل ڊسڪشن ۾ هڪ سنڌي دانشور ڊاڪٽر وقاصي سنڌين جي حوالي سان سڪيولرزم جي موت جو ذڪر ڪيو.ڊاڪٽر وقاصيءَ چيو هندوستان ۾ سڪيولرزم کي راجارام موهن راءِ جي موت سان ڌڪ رسيو. انکانپوءِ مهاتما گانڌيءَ جي موت سان ۽ تنهنکانپوءِ اندرا گانڌيءَ جي موت سان پارٽ ۾ سڪيولرزم جو موت ٿيو.ڊاڪٽر وقاصيءَ جي ان جملي سان اُن وقت مونکي اختلاف هو.مون چيو هندوستان ۾ سڪيولرزم زنده آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پر جڏهن ۱۹۹۰ع سيپٽيمبر ۾ ولائت جي دوري تان واپس آيس ته پارت ۾ هڙتالون، بند، ڀاڃ ڪي باهيون ڏيڻ جا عمل جاري هئا. هر ڪنهن کي فڪر اسان جو حصو ويندو. اوچ نيچ ذات پات جو سهارو وٺي هڪ دفعو وري قتل غارت جي واٽ ڏيکاري وئي. اُن وقت منهنجي اکين لڙڪ لاڙيا. جنهن سيڪيولرزم جي ناءِ تي اسان پنهنجي وجود کي ڏوڏي ڇڏيو، تنهن قوم جي وجود کي تسليم ڪرڻ ته پري رهيو پر اُن جي ڪلچر تهذيب ۽ ٻولي لاءِ ڪنهن کي اونو ڪون هو. سياستدانن قومي سطح جي آکاڙي ۾ هڪ ٻئي تي الزامن جا لفظي تير اُڇلائي پنهنجي پنهنجي جاتيءَ جو داد حاصل ڪري اسانکي زخمي ڪري رهيا هئا. هڪ طرف ڪشمير ۾ سرحد پار وٽان تخريب ڪارن جو سلسلو، دهشتگرديءَ تي نفرت ته ٻئي طرف پنجاب ۾ ڏينهن ڏٺي بيگناهه معصوم انسانن جا قتل، ٽئين طرف آسام ۾ هترادو بورو مسئلو ڪڙو ڪرڻ واري اڳواڻن جي پنهنجي گدي بچائڻ واري چال. گهرو کاتي جي وزير طرفان حڪم ته انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي. هيءُ سيپٽيمبر جو مهينو هو، درگا پوڄا ۽ دشهري جا ڏينهن هئا. ڏياري اچڻ واري هئي. نفرتون عروج تي هيون جن مذهب جي ناءَ تي ورهاڱو ڪرايو، اڄ وري فرقعي وارا نه جذبن کي ڀڙڪائڻ لاءِ ڪافرن خلاف جنگ جوتڻ جو واعظ ڪرڻ لڳا. ٻئي طرف پاڙيسري مُلڪ پاڪستان ۾ سياسي اُٿل پُٿل، نار وارن مُلڪن ۾ جيهڙا. آمريڪا ۽ يورپ جو متحد تي سموري نار کي بچائڻ جي عظم جو نعرو، فوجن جي روانگي.

ان عالمي ڇڪتاڻ ۽ ٽئين جنگي عظيم جي خطرن طرف وک وڌائڻ واري دور دوران هڪُ انقلاب آيو. عظيم انقلاب آيو.......خوشگوار انقلاب......ٻن جرمنين، جو پاڻ ۾ وري ملي هڪُ ٿي وڃڻُ ۴۵ سالن کانپوءِ وري پاڻ ۾ گڏجي هڪُ ٿيڻُ ۳۰ آڪٽوبر ۱۹۹۰ع تي عظيم تاريخ جو وجود ۾ اچڻُ. دنيا جي اڳواڻن جرمنيءَ جي عوام ڏانهن مُبارڪباد جا پيغام موڪليا. پر مون اُن خوشگوار تاريخي انقلاب تي خوشيءَ جا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

لڙڪ لاڙڻ بدران رتُ رُنو. اُن رات مان روئندي رهيس جو اُن مونکي پهنجو وجود ياد ڏياريو جنهن مونکي منهنجي تاريخ جي ياد ڏياري.

۴۵ سالن کانپوءِ ٻن جرمنين جي ميلاپ جي گهڙي هئي ته ٻئي طرف سڪيولر ڀارت جي ناءُ تي صدقي جي ٻڪري ٻڻجي قربان ٿيڻ واري جاتيءَ لاءِ ڳوڙها هئا. جنهن سڪيولرزم خاطر جاتيءَ پنهنجو وجود ڏوڏيو انُ سڪيولرزم جو ڦوٽ ٻڻجي نفرت جي بارود جي ڍيرن طرف وکه وڌائڻ......مون ان جي موت جي آمد تي رت جا ڳوڙها ڳاڙهيا. اها رات ۳۰ آڪٽوبر ۱۹۹۰ع جي هئي جڏهن ٻنهي جرمنين جو ميلاپ ٿي رهيو هو. اُها قوم خوش هئي ۽ مان ماتم ڪندي رهيس. جنهن ديش جي قومي ترانې ۾ ٻين صوبن سان گڏ ،سنڌ،جو نالو آهي تنهن جي تهذيب،ٻولي ۽ ڪلچر کي سڪيولرزم جي ناءُ تي ٻي موت ماريو ويو آهي. ان عظيم تهذيب ۽ پوتر نالي سان سڪيولرزم جي ناءُ تي ڪيڏو نه مذاق ڪيو ويو آهي.جڏهن به ۲۶ جنوريءَ تي رعيتي راڄ جي جشني پريڊ ۾ ٻين صوبن جون ڪلچرل نماءُ واريون جهانڪيون نڪرنديون آهن ۽ وينتا ۾ ايڪتا جي ڳالهه ڪئي و يندي آهي، تڏهن مان انهيءَ گلستان ۾ پنهنجي گل کي تلاش ڪندي آهيان جيڪو مونکي ڪٿي به نظر نه ايندو آهي.مان پنهنجي جاتيءِ جي اڳواڻن جي حماقت تي روئندي آهيان.

**مون پڪسچاتا پنهنجا هئا،**

**ڌارين سان گڏ ڌاڙي ۾**

اڄ مان بيکاري آهيان.مال ملڪيت هوندي به غريب.جو مون پنهنجو ورثو وڃايو آهي.پلئه پايو سڄ.......سيئي خوش آهن.پنهنجي پنهنجي ٻولي،تهذيب ۽ ورثو بچائي ويٺا آهن،پر مان غريب آهيان،ڪنگال آهيان، اپالي آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

واجهائي وطن کي ، ساري ڏيان ساهُ
ٻت منهنجو بند ۾،قيد مَ ڪريجاهُ
پرڏيهاٿي پري ري،ڏار مَ ڏريجانهُ
ڏتي وسائجاهُ ڏرن جي، مٽي منهي مٿاهُ
جي پويون ڏٿي پساهُ، تہ نجاءُ مڙهُ مليرڏي. (شاهه)

ورثو ڏا ياري انڪ
ورهاڱي جو درد ـ ٩٦ ـ ٩٧

❖ ❖ ❖ ❖ ❖ ❖ ❖ ❖ ❖

اڄ اسانکي مهاتما گانڌيءَ ۽ ٻين اڳواڻن جي ياد اچي ٿي.شال سندن اصولن جي روشني ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي! شال سندن نور جي روشني، سندن جوت راهه ڏيکاري اسان ڀارت واسين کي اهڙي شڪتي پردان ڪري جو اسين سچ ۽ اهنسا جا پانڌيئڙا بڻجي آزاديءَ کي برقرار رکڻ ۾ لاپرواهه نہ ٿيون.چو تہ : آزاديءَ جي قيمت آهي دائمي سُجاڳي!

سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل- شريمتي لڪشمي گوپ سڏوا

پاڻ سڃاڻڇ سُپرين ص.٥٧



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سگهندڙ کان محروم پنهنجن پڪن ۽ پنهوارن کي پينل اکين سان الوداع ڪيو.

## ڪونج نہ لکيو پاڻ جو ماريءَ سندو من ۾

مُلڪ جي ور هاڱي جو فيصلو سنڌين تہ ڪون ڪيو هو....!
ڪين ڪهڙي خبر هئي تہ ماريءَ جي من ۾ ڇا آهي؟ پاڙن کان اُکڙيل ٻوليءَ جو ٻوٽو مُرجهائيندي پيو وڃي. ڪنهن بہ قوم کي اگر ختم ڪرڻو هجي تہ پهرين اُن جي زبان کي ختم ڪيو ويندو آهي. ٻين ٻولين جي پيٽ ۾ سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر ضعيف ٿيندو پيو وڃي ۽ ٻولي ڏٻري. جتي ڀارت واسي آزاديءَ جي ۵۰ سال ملهائي جشن ڪري رهيا آهن ۽ تاريخ جا ورق پيا ورائين.

## آزادي نعمت آ، غلامي لعنت آ.

اسين آزد هند جا باشندا آهيون. اسانکي آئين ۾ برابريءَ جا حق حاصل آهن ٻولي اٺين شيڊول تحت تسليم ڪئي ويئي آهي. انهيءَ جي باوجود قومي سطح تي سنڌي ڇُٽپ ۾ ئي نہ آهن. دانهون ڪوڪون تہ ٻڌڻ ۾ ايندیون تہ سنڌين کي قومي سطح تي نُمائيندگي ڏني و ڃي سنڌي ڇڙ وڇڙ آهن. سنڌي تعليم ۾ ٻارن جو ڪو آئيندو ڪونهي. سنڌي ڪلچر ٻولي ۽ سنڌيت سان منهنجي وابستگي آل انڊيا ر يڊيو جي پرڏيهي نشريات جي حوالي سان ٻن ڏهاڪن کان بہ مٿي رهي آهي، انکان علاوه ۱۵ سالن کان وٺي سنڌي ٻيٽرن جي سوشل ڪلچرل ۽ لٽرري تنظيم مارئي سان رهي آ هي ،جنهن ذريعي باقاعدي سنڌيت جي هلچل سان جڙيل ۽ سرگرم رهي آهيان، جنهن دوران سنڌين جا هڏ ڏوکي ۽ سرچي ست ڏيندڙ بہ ڏٺم تہ نام نهاد ڪوڙا ڪپتي هانوءَ ڦاڙي روئندڙ چهرا بہ پسيم. مان سنمان انعام اڪرام حاصل ڪرڻ لاءِ سوديبار، سٽوڙي بہ ڏٺم. پنهنجن آزمودن ۽ پرکہ جي نچوڙ مان ڪي ڳالهيون ونڊڻ چاهينديس.
نفعي نقصان جو ليکو چوکو ورهاڱي جي ۵۰ سالن کان مٿي جي تاريخ جي پسمنظر ۾ ڪرڻ گهرجي. بهتر ٿيندو تہ پهرين ڪمين پيشين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڇڏائيندو پيو وڃي ،ريتون رسمون، ثقافتي ورثو ۽ ٻولي اسان جي سماج وٽان موڪلائيندي پئي. لطيف سائين چيو آهي:–

**مٿا اُٺي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايتري**

پلا اننڊ ڪرڻ سان ڪو سُلطاني سُهاڳ ملندو ؟سنڌي ڪٽنمبن ۾ غير سنڌي ننهر ۽ غير سنڌين جي گهر ۾ ڏيئرن طرفان انهن جا اڳڻ آباد ڪرڻ. مٿان وري هڪ بزرگ جي موڪلائڻ سان ٻوليءَ کي ڏينهون ڏينهن ڌڪُ پيو لڳي. سنڌي ٻولي ڳالهائڻ تي ڪيترن جو احساس ڪمتريءَ ۾ مُبتلا ٿيڻَ تهيائين سنڌيءَ جو هيٺو حال ڪري ڇڏيو آهي.

**الله ائين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،**

**تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.( شيام)**

آدم شماريءَ وقت ڪيترا سنڌي پاٽڪي سنڌي نہ ٿا لکرائين اگر اجان بہ اسان اکہ نہ پٽي تہ پوءِ صرف آئين ۾ درج ٿيڻ ۽ هئڻ واري قطار ۾ وڃي بيهندي. جتي آزاديءَ جي سورنہ جينتي هڪ طرف آزاديءَ جي تاريخ جي يادڏياري ٿي تہ ٻئي طرف سنڌين جي لاءِ غمگين پيغام ۽ ٻولي ۽ ڪلچر جي هٿان کسڪڻ جو خوف.

سنڌين ڪيتريون ڌرمشالائون، اسڪول ڪاليج ،اسپتالون وغيره کوليون آهن جن ۾ سنڌين بدران غير سنڌين جي اڪثريت فائدو وٺي پئي. سنڌو يونن ۾ ڪئي پيرا ڏسڻ ۾ آيو آهي،سنڌين لاءِ نہ پر غير سنڌين سان جايون پريون پيون آهن.

سنڌي ٻولي ڪلچر نہ رهندو تہ باقي پاڻڪي سنڌي سڏائڻ مان ڇا هڙُ حاصل ٿيندو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻي رهيا آهيون. سنڌي ڌرم شالائون، سنڌو يون، اسڪول ڪاليج، آستانن ۾ ٻيگت، نرتيہ، لوڪ سنگيت ۽ لوڪ فن کي همٿايو وڃي، فنڪارن جو ڪاڌو پيتو، رهڻ ڪرڻ جو بندوبست ۽ ٻگهارون ڏنيون وڃن جيئن اسين پنهنجي ثقافتي ورثي کي بچائي سگهون. نياڻين جون شاديون ڪرڻ، ڏاج ڏيوڻُ ۽ لنگر لڳائڻ تہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سُٺو ڪمُ آهي پر مادري ٻوليءَ جو پرچار نہ ڪرڻ بہ پنهنجي ڪنر تي لت ڏيڻ مثل آهي. اسان جي ساڌو سنتن کي گهرجي گيان ڏيان ۽ وچن وڻائڻ سان گڏ ٻوليءَ جو بہ وچن وڻائين تہ اُميد جا ڪرڻا روشن ٿي پون.درسي ڪتاب شاگردن لاءِ مُيسر ڪيا وڃن. امر شهيد ڀڳت ڪنور رام ،ماسٽر چندر،را م پنجواڻيءَ ۽ ڀڳونتي ناواڻيءَ جهڙا ڪلاڪار وري ڪون پيدا ٿيندا.ويل وقت ماضيءَ جي چادر اوڙهي چُڪو آهي،ڏڌو ڪيرُ ٽٽي نہ پوندو، ان تي هاٿي ملالُ ڪرڻ بدران اکيون پٽيون

## منهنجو وسُ واڪا ڀڏڻُ ڪمُ ٻروچ جو (شاھ)

نام نهاد اديبن طرفان سرسوتيءَ جي پوڄارين جي ساڌنا ۾ ڀنگ وجهڻ وارن خلاف آواز اُٿارڻُ گهرجي.جيئن چمڙن جيان رات جي اوندهہ ۾ نڪرن ٿا،جن کي ڏينهن جي روشني نظر نہ ايندي آهي.اڄ سنجيدهہ پاٺڪ ۽ حاضرين جو طبقو وڃي ٿو ختم ٿيندو.جيئي چند سنڌيت ڏينهن ، برڪ شاخصيتن جون ورسيون مقرر ڏينهن تي ملهاڻ گهرجي نہ ڪي پنهنجي سهوليت تي فنڪشن ڪري،ڏڻ وار ملهايون.ٻارن ٻچن سميت پروگرامن ۾ شامل ٿيڻ گهرجي.

ڏهين اپريل ۱۹۹۸ ع تي سنڌي ٻوليءَ جي ۳۰ سالن جي تسليمي ڏينهن واري موقعي تي ڀارت جي راڄڌانيءَ ۾ سنڌي پينرن جي سوشل ڪلچرل ۽ لٽرري تنظيم مارئي طرفان اُن ڏينهن تي پيس رئلي رکي وئي جنهن ۾ ٻار،بزرگ مرد عورتون،ڪلاڪار ليکڪ، ڳائڻ وادي،سماجي شيوي وغيرهہ شرڪت ڪئي .جنهن موقعي تي سيني گڏجي قسم کنيو تہ:

سنڌيءَ ۾ ڳالهائينداسين،سنڌيت جي ڪمن ۾ سڏ ۾ سڏ ڏينداسين، ٻارن کي سنڌي سيکارينداسين،پنهنجي ٻولي ريتن رسمن ڪلچر کي زندهہ رکڻ جي ڪوشش ڪنداسين۽ جنني جنم ڀوميءَ جي سيوا ڪنداسين.

ان طرح ڪيترين سنستائن ٻوليءَ لاءِ پنئي پاونا جاڳائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

آهي،پرهر پيري هر هڪ فنڪشن تي ياد ڏيارڻ گهرجي.سنڌي جاتي سُڃاڻپ جي سنڪٽ ۾ مُبتلا آهي. اگر اجان بہ يڪمُشت ٿي سڏ ۾ سڏ نہ ڏنو تہ تاريخ اسان کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندي. نارائڻ شيام فرمايو آهي :-

**گنگا جمنا امرت امرت،ليڪن ٿڃ تہ سنڌو آهي!**

پوءِ پيلا اسان پنهنجي ماءُ جي ٿڃ ڇو لڄايون؟

**مهر سندا مينهن شاهہ وسائين ٿل،**

**جهر يل منهنجي جهوپڙي بنا جهلي جهل،**

**ڪامل تي ڪهل ڪندين ڪريم تون. (سچل)**

(سنڌي گلشن - لکنو)

---

ڪنهن بہ قوم يا جاتيءَ جي ادبي خاص طور تي شهري دنيا ۾ هڪ بہ نالا هوندا آهن،جيڪي خود تهذيبي سڃاڻپ لاءِ اهڃاڻ هوندا آهن.اِهي انهن قومن جا پنهنجا شاعر سڏبا آهن جيئن انگلنڊ لاءِ شيڪسپيئر واحد نالو ڪافي آهي تئن پٽائي گهوٽ شاهہ عبدا لطيف جو نالو ڇپن تي اچڻ سان سنڌ جي سيپتا يا سنسڪرتي جي سموري سونهن سامهون اچي نروار ٿئي ٿي،ان لحاظ کان سنڌي ادب ۾ سچل سائين جو نالو بہ وڏيءَ شرڌاءِ ادب سان ورتو وڃي ٿو.ڇاڪاڻ تہ سنڌي ادب ۽ سا نسڪرتڪ اتهاس ۾ ڪيس اُتم درجو حاصل آهي.سچل کي تصوف خانداني ورثي ۾ حاصل هو.سچل کان اڳ تصوف جي ڪيتر ۾ شاهہ لطيف کان بہ اڳي،شاهہ ڪريم،شاهہ لطف للهہ قادري،مخدوم نوح،شاهہ عنايت ۽ خواجہ محمد زمان وڏا ماڻ استاپت ڪيا هئا.اِنهن بزرگن جي برڪت سان سموري سنڌ جي ڌرتي تصوف ۽ ويدانت ۽ ڀڳتي مت جي پريم مارگ کان ڪافي متاثر ٿيل هئا.هر محفل اوتاري تي اها ئي اُپتار هئي،تات ۽ تنوارهئي.محبوب جي مُشاهدي سان گڏ حق جي حقيقت ۽ سڃاڻپ جا صبق سيکاريا ويندا هئا.(سونهن ،محبت ۽ انسانيت جو علمبردار سچل سرمست - ٺهلرام آزاد - ڪيڃان آيو قافلو - ص.١٠٦)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# ٢١ صديءَ ۾ سنڌي ڏڻ

مانوار ساڃڻ جيئن تہ مهنجي مقالي جو موضوع آهي٢١ صديءَ ۾ سنڌي ڏڻ، يا ائين چئجي سنڌي ڏڻن ۾ ڦير بدل.ڇا ٢١ صديءَ ۾ ڏڻن وارن ۾ ڦيرو ايندو؟ان لاءِ اهو ئي چئبي ڦيرو ايندو؟ان لاءِ اهو ئي چئي سگهون ٿا،٢١ صديءَ ۾ انهن جي اهميت ضرور وڌي ويندي.انسان کي بدلجندڙ وقت سان وکون کڻڻيون پون ٿيون.انهيءَ کري ٢١ صديءَ ۾ سنڌي ڏڻ هيءُ موضوع نہ صرف اهم پر وقت جي ضرورت آهي.ظاهر آهي تہ اسان کي موجوده دور جي تقاضائن جي مدينظر انهن تي نظر ڊوڙائڻي پوندي.ڏڻ وار تہ اُهي ئي رهندا پر اُنهن جي ملهائڻ جي انداز ۾ ضرور ڦيرو ايندو.روا يتي اندازجي طور طريقن کي ٢١ صديءَ جي جديد دور جا طور طريقا پنڻتي ڌڪي پهنجي انداز کي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا،گهر جي چارديوارن مان نڪري،پنج ستارا هوٽلن ۾ جشن ملهائڻ جي چمڪ ڌمڪ ۾ جشنن جيان انهن تي حاوي پوڻ جي ڪوشش ڪندي.شريمد ڀڳوت گيتا ۾ ڀڳوان شري ڪرشن اڌياءُ ٽئين ۾ گيان ڏيندي چوي ٿو:-

**تون، پهريائين،جنهن ڌرم ۾ ڄائو آهين انهن ڌرمن جي نيمن (شاسترن جي نيمن پٽانڌڙ) ڪرم ڪر.ڇاڪاڻ تہ ڪرم، اڪرم (ڪجھ بہ نہ ڪرڻ يا پنهنجا فرض پورا نہ ڪرڻ) کان وڌ آهي.**

اڄ جڏهن دنيا سوڙهي ٿيند ي ٿي وڃي،تہ دنيا جون الڳ الڳ ريتيون رسمون يا ائين چوان ڪُرسمن جو اسان جي تهذيب ۽ ثقافت تي ناڪاري اثر پئجي رهيو آهي.اهڙين حالتن ۾ پهنجي تهذيب،ثقافت کي ڏڻن وارن ذريعي سهٽي نموني نہ صرف بچائي سگهون ٿا،پر ميل ميلاپ ۽ ڀائيچارو وڌائي سگهون ٿا.اڄ جو دور مٽيرليسٽڪ آهي،انفراديت جو احساسُ شدت سان محسوس ٿئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

راند ڪيڏي رهي هئي، گوگل وير وٺڻ لاءِ سندس گهوٽ جي جتيءَ ۾ لڪي ويهي رهيو. راند دوران سندس گهوٽ چيو مون ڪٽيو، راڻيءَ چيو مون ڪٽيو، سندس گهوٽ کي اعتبار ئي نه اچي، مُڙس کي يقين ڏيارڻ لاءِ هن چيو مونکي قسم آهي پنهنجي ڇهن ڀائرن ۽ ستين گوگل وير جو. ان تي هن کان پڇيو اهو ستون گوگل ڪير آهي، هوءَ روئي به پئي ۽ چوي پئي ته غلطفهميءَ جو شڪار ٿي مهنجو ڀاءُ روسي ويو، حقيقت ٻڌي هن کي ارمان ٿيو ۽ هن جي بدگماني دور ٿي،

گوگل مڪدم ٻاهر اچي پيڻ پيٽويهيجي، مٿان چٽ ٻڌجي ٻهي رهيو. اسان جون وڏڙيون پوڄا وقت چون:-

**گوگل گهوڙي نه چڙهي، گوگل پير ري نه چڙهي**
**گوگل ٽنڊڙيءَ چانو ، گوگل ڀائرن جو رکپال،**
**گوگل پينرن جو رکپال، گوگل پوٽن جو رکپال،**
**گوگل پوٽين جو رکپال،گوگل ڏوهٽن جو رکپال**
**گوگل ڏوهٽين جو،گوگل سڄي ڪٽمب جو رکپال،**

ٿي پيرا چون،نياڻين کي ٽڏو ڏين،مان ان ۾ هڪ ٻي به ست جوڙيان ٿي:-**گوگل سڄي سنگت جو رکپال**............

ڌارمڪ ڪٿا موجب ارجن جو پوٽو راجا پريڪيشت هڪ ڏينهن شڪار ڪندي هڪ هرڻ کي نشانو بڻايو پر هن جو شڪار جهنگ ۾ ڀڄي نڪتو اُتي هڪ رشي تپسيا ڪري رهيو هو هن ان کان پڇيو، پر هن کو جواب نه ڏنو .راجا کي خار لڳا هن اُتي هڪ مئل نانگ پيو هو اُهو ڪٽي رشيءَ جي ڳچيءَ ۾ وڌو. جڏهن رشيءَ جي پٽ شرنگي رشيءَ کي ان بي ادبيءَ جي ڄاڻ پئي ته هن پريڪيشت کي سراپ ڏنو ته اڄ کان ستين ڏينهن توکي تڪش نانگ ڏنگيندو، ٺيڪ ستين ڏينهن هن کي نانگ ڏنگيو ۽ هن جو موت ٿيو. راجا جي مرڻ کانپوءِ سندس پٽ نانگن کان بدلو وٺڻ لاءِ،نانگن جي مارڻ وارو يگيه ڪرايو،جيئن جيئن نانگن جا نالا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تي بادل ڇايل هئا چنڊ کي ارگ ڏيئي پوءِ ئي کائڻو هو پر چنڊ جو ڪٽي نالو ئي نہ هو، سندس پائرن پري پهاڙ تي باهہ ٻاري ڇاٽي رکي سڪيلڌي پيڻ کي چيو تہ هو ڏس سامهون چنڊ هن ارگ ڏيئي ورت ڇوڙيو، سندس پتيءَ جي جسم ۾ سئيون سئيون چڀاڄي ويون. جڏهن هن کي پائرن حقيقت ٻڌائي تہ هن پل چڪ ٻخشائڻ لاءِسڄو سال تياڄڙيءَ جو انتظار ڪيو ۽ شرڌا پريم سان ورت رکي پهنڄو پتي حاصل ڪيو.

تياڄڙيءَ واري ڏينهن نو ورنين جيان سورهان سينگار ڪن، هٿن پيرن تي مهندي رچائين، ساوڻ جي مند ۾ پينگهون وٽن تي وجهي جهولا ڪائين. ڪي ورت ۾ اسُر ڪن تہ ڪي بلڪل ڪجهہ نہ ڪائين.

**رکڙي:-** سانوڻ جي مند ۾ ئي اچي رکڙيءَ جو ڏڻ . **وياس پورنما** جو ڏينهن ودوانن جو ڏڻُ آهي. رکڙيءَ تي برهمڻ ڄجمانن کي رکڙي ٻڌڻ وڃن. ڪي سنستائون ان تي رکڙي ۽ پيغام بہ موڪلين ٿيون. ڀاءُ ۽ ڀيڻ جي اٽوٽ پيار جو رشتو قائم ڪرڻ وارو عهد ۽ اقرار . ان جو تاريخي قصو بہ آهي، **ميواڙ جي راڻي ڪرم وتي**، پهنڄي ڌرتيءَ جي بچاءَ لاءِ **همايون** ڏي رکڙي موڪلي. وياس پورنما دانشورن جو ڏينهن آهي. ويد وياس چئن ويدن کي سهيڙيو، مهاڀارت جي رچنا ، فلاسافيءَ جو لاجواب **گرنٿ برهم سوتر. وياس پورنما** جي ٻي اهميت اها آهي جو ان کي سنسڪرت جو ڏينهن ڪري ملهائيندا آهن، سنڌي، اڙدو ۽ سنسڪرت اهڙيون ڀاشائون آهن جن کي پهنڄا صوبا ڪون آهن، اُڙدو سڄي ڀارت ۾ ڦهليل آهي، ان جو بورڊ آهي ڪيترن صوبن ۾ پڙهائي پئي وڃي، سنسڪرت ۾ اسان جا گرنٿ ۽ شلوڪ آهن، وياس پورنما سنسڪرت جو ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. سنڌيءَ کي تسليم ٿئي (١٠ -اپريل ١٩٦٧ع) ٣٠ سالن کان مٿي ڪرصو ٿيو آهي، پر اها نازڪ دور مان گذري رهي آهي. اسان کي گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميَءَ واري ڏينهن کي پهنڄي ڏڻن وارن ۾ شامل ڪري ڇڏيون. ١٠، **اپريل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

مانگهہ ۾ **مهاشوراتريءَ** جو ڏڻ اچي، شوراتريءَ تي ڪافي ماڻهو ورت رکن،شو جي چوماسي وارا ورت بہ ڪيتريون زالون ۽ مرد باقائدي رکن.مهاديو ڀڳتن تي جلد راضي ٿيڻ وارو آهي انهيءَ ڪري اسين ڀولو ڀنڊاري چئون، پاروتي، **اُما ماتا شڪتيءَ جو روپ. شنڪر برهما**ڪي سرشٽيءَ جو مالڪ ٻڌايو،ساهہ وارن جي اُتپتي ڪري سنسار رچيو،ڀڳوان **وشنو** سرشٽيءَ جو پالڻهار.

**ڦڳڻ:**-ڦڳڻ جي مهيني ۾ هوليءَ جو ڏڻُ اچي،هوليءَ جي ٻئي ڏينهن اچي ڌوڙيو.**پهلاد** ايشور ڀڳت هو،سندس پيءُ هرڻاڪش پاڻ کي ڀڳوان ڀائيندو هو،پهلاد کي مارڻ لاءِ هن ڪئي هيلا هلايا. نيٺ هولڪا جيڪا هن جي ڀيڻ هئي جنهن کي وردان مليل هو تہ باهہ ۾ نہ سڙندي اُها پهلاد کي گود ۾ کڻي وهي،پهلاد سڙي ويندو،پر ايشور جي پنهنجي ڀڳت تي مهر رهي هولڪا سڙي وئي پهلاد بچي ويو.هوليءَ تي اسين مٿيون ٽڪيون ٺاهي ڏاڳا ٻڌي باهہ ۾ وجهون،ٽڪيون پچي ونديون آهن ۽ ڏاڳا بہ ڪون سڙندا آهن،جيڪي علامت آهن ڀڳت پهلاد جي.

**بهار جي مند** ۾ ايندڙ هن ڏڻ تي من ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ٿئي تي،دشمن دوست ٻڌائي تي هولي،ننڍو وڏو،اونچ نيچ سڀ برابر،هوليءَ جا لذيذ پڪوان،گرم گرم گيهر،گلن وارا ساٽا،هڪ ٿالهہ ۾ گلاب جي گلن جون پنکڙيون وجهي مٿان گرم گرم ساٽا رکن جيڪي گلن سان چنمبڙي پون... واهہ جو ذائقو! هولي جو موقعو هجي ۽ چرچو ڀوڳ نہ هجي،اهو تہ سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي،مٿان وري ڀنگ جو لوٽو.... لوٽو مهنجو لوٽو آرنگ ڀريو لوٽو...... آڀنگ ڀريو لوٽو......ڀنگ جا پڪوڙا ڪارائي اصل سٽي چڙهين...پر ڪي ان رنگ ۾ ،حد ٽپي، ڀنگُ وجهي چڙهين،ڦڳڻُ ڦولاريو آئي رت متوالي،برج جي هولي مشهور، ڏڻ وار پريم ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏين ٿا . اسان کي گهرجي پنهنجي چڪتاڻ واري زندگيءَ کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

انهن جو پلاند پڪڙيون، اهي جشن اسان لاءِ نعمت آهن. ٢١ صدي واري هن دور ۾ جتي ما ٺهوءِ بوءِ ما ٺهوءِ بوءِ لڳي پئي آهي، اُتي اهي ڏڻ وار اسان کي پاڻ ۾ ميل ميلاپ وڌائڻ جو دڳ ڏسين ٿا.

٢١ صديءَ ۾ سنڌي ڏڻ يا سنڌي ڏڻن ۾ ڦير بدل، هن مقالي جو موضوع آهي، ڇا سنڌي ڏڻ عام ڏڻن وارن کان الڳ آهن؟ ان جي جواب مان جيڪر مان چوان نه...... ڏڻ برابر ساڳيا آهن پر، سنڌي ڏڻن وارن تي کاڌ خوراڪ، ريتون رسمون، ڏئي وٽ جون ڪاجھ پرم پرائون آهن. ڌيءَ ڀيڻ جي شادي ڪرائي ويندي هئي ته اُن ڏئي ڏڻ وار تي جيڪا شئي ڪار يا هڙ بدڙي موڪلي ويندي هئي، اُها سڄي اوڙي پاڙي مٽ مائٽ، برادري، اڳي سنڌ ۾ ته پوري ڳوٺ ۾ ورهائي ويندي هئي. ڪي ڏڻ جيڪي اسين جهڙي نموني ملهايون ان طرح ٻيون جاتيون ڪون ملهائين. لعل سائينءَ جو جنم ڏينهن ۽ چاليهو، هتي مان ڀائيان تي چاليهي جو رواج ڪون هوندو. مهالڪشي جو ڏڻ، ٻيي ۾ ايندڙ هن ڏڻ تي ستپڙا ٽڪيون ٺاهڻ ۽ زور شور سان ڏڻ ملاهڻ جو رواج. ٽيجڙيءَ جو ورت هتي ڪر واچوٽ زالون ڪن پر اسان وٽ ٽيجڙي پوڄڻ ۽ ورت رکڻ ۽ ملاهڻ جو پنهنجو ئي ڍنگ آهي. سنڌين ۾ چيٽ جي مهيني ۾ ڪنب پوڄڻ جو رواج آهي. اُماس تي آخري آرتوار تي پوڄين جنهن ڏينهن تي پوڙن جون باسيل شيون ٺاهينديون، چيٽ پوڄڻ درياهه شاهه پوڄڻ يا ڪنب پوڄڻ چيو ويندو آهي. اکڻ ٽيج تي دلا، مٽ پاڻيءَ جا ڀري ڏيڻ ، اُن سان کَنُ وجهو، ونگيون ڀيو مند جو ميوو وغيره ڏيڻ. پاڻيءَ جو دان ڪرڻ هر جاتي وارا ڪندا آهن، پر هر علائقي ۾ پنهنجي طرح جو ڦل ڦروٽ ٿئي، ان موجب ئي ريتون رسمون ۽ ڏڻ وار ملهائڻ جا طريقا ٿين، انڪري ئي سنڌي ڏڻ وار پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ رکن ٿا.

٢١ صديءَ ۾ روايتي انداز کي ٿورو جديد دور جو رنگ ڏيئو پوندو، نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# سنڌي نثر جو نور — ديوان ڪوڙو مل

هيءَ زندگي قيمتي آهي سنڌ جي ڪويءِسامي،ءَ چيو آهي :

**هيرو جنم نه هار،مورک مايا جي پاءِ تون ،**

املھ زندگيءَ جو، صحيح صحيح استعمال ڪرڻ وارا ڪي ٿورا خدا جا بندا هوندا آهن. انساني آباديءَ وارو هيءُ سمنڊ ڏينھن پوءِ ڏينھن وڌندو ٿو وڃي. ان انساني سمنڊ جي وهڪري جي ڇولين سان هڪڙا سنسار ۾ اچن پيا پيا وڃن پيا. هيءُ سنساري چڪر هلي پيو موهه مايا جي چار ۽ هن پوَ ساگر جي غوطن مان پار پئي ڪي انسان وقت جو صحيح استعمال ڪن ٿا. جيڪي انسان نه صرف پهنجي جاتيءَ لاءِ پر پين لاءِ به باعثي فخر ۽ عزت لائق بڻجن ٿا.

اهي ڏات ڏٺي ئي هوندا آهن جيڪي پهنجي اردگرد جي ماحول جو قلم ذريعي نقش چٽيندا آهن، ۽ ان دور جي تاريخ کي محفوظ ڪندا آهن. جنهن ذريعي ان جاتيءِ جي هلت چلت رهڻي ڪر ڻي ۽ اخلاقي قدرن جي ڄاڻ پوندي آهي. هيءُ اهو دور هو جڏهن فرنگين سنڌ ڌرتيءَ تي يلگار ڪئي. انهن ڏارين جي غلاميءَ واري دور دوارن سنڌ جي هڪ ڳوٺ پرين ۾ پنڄين(۵) آڪٽوبر ۱۸۴۴ع تي هڪ رواجي ڪٽمب ۾ هڪ نينگر اک پٽي، ڪنهن کي ڄاڻ ڪان هئي ته اهو ٻالڪ اڳتي هلي سنڌي سماج جو اهم تعليمدان، سماج سڌارڪ ۽ نثر نويس ديوان ڪوڙو مل بڻجندو. ان ٻالڪ جي جنم جو نالو پريم رکيو ويو. پر ان ڪٽنب ۾ اولاد ڪون بچندو هو انڪري سندس نالو رکيو ويو - **ڪوڙو**. پرين جي ڳوٺ ۾ جنم وٺندڙ هيءُ ڪوڙو ٻالڪ سيني جو پيارو بڻيو. مان خو ش قسمت آهيان جو مونکي نه صرف ديوان ڪوڙي مل جي ڳو ٺ پرين جو ۱۹۸۹ع ۾ سچل ڪانگريس دوارن ڏسڻ جو موقعو مليو پر هڪ يادگار علمي ادبي ماحول ۾ رات گذارڻ جو وجھ به مليو. پرين جي ڳوٺ ۾ ڪيترن دانشورن ۽ برک



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڀئي هنڌ تحرير ٿيل آهي: - ١٨٧٣ع ڌاري مون ٢١٠٠ شلوڪن جي پوٿي ڳولهي هٿ ڪري اتاري رکي هئي.جڏهن ڏٺم ته شلوڪن جو شعرپڪو ۽ ڪافيو سهٽو آهي ۽ مناجهس لفظ نهايت ئي چونڊ ۽ عمدا آهن ۽ ا نهيءَ ڪري ڇپائي ڪري سنڌي ٻولي جيڪي سو وڏيڪ سٽيي ۽ ستابي ٿيندي.

ساميءَ جي شلوڪن کان علاوه سنڌي نثر جي ابي جيڪي جريت پريو ادبي ڪارنامو ڪيو سو هو ترجمي ڪرڻ وارو. اڄ ترجمي کي وڏي مڃتا ملي آهي.ساهتيه اڪادميءَ ان ڪم کي اهم تسليم ڪيو آهي ۽ ترجمي ڪندڙن کي همٿائڻ لاءِ انعام پڻ ڏنا پيا وڃن.ترجمو ڪرڻ ڪو سولو ڪمُ نه آهي. ان ۾ اصلي رچنا جي سُرهاڻ ۽ رنگ برقرار رکڻ ڏکيو ڪمُ آهي.١٨٨٨ع ۾ سنسڪرت ساهتيه جي جهوني ناٽڪ رتناولي جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ساهتيه پريمين سان هن ڏات ڌ ٽيءَ وڏا وڙ ڪيا.

جيئن ته سنسڪرت ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارا ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آباد آهن،اڄ جي دور ۾ ڪافي سهوليتن جي باوجود سنسڪرت ناٽڪن کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ واري ڪيتر ۾ اجان اسان وڪ ڪون وڌائي آهي،وقت جي تقاضا آهي ته اسين سنسڪرت جي ڪن ناٽڪن کي سنڌيءَ جو چوغو پهرائي عام تائين آڻيون حالانڪ اهو ڪمُ آهي ڏکيو پر پنجاهه سالن جي تاريخ ۾ ڪجهه ناٽڪ آڻڻ ضروري آ هن. هتي رتناولي ناٽڪ جو هڪُ ڊائلاگ پيش ڪندس:-

**ٻامران جيتوڻيڪ راڻي پهنجي شُشيلتا ۽ مريادا نه ڇڏي پر ڪروڌ سندس سيني پرڪارن مان پڌرو ٿيئي ٿيو.**

هاڻي هن ڊئلاگ مان ترجمي جي فن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو،سُهٽي سادي سپڪ سنڌي ٻولي ۾ ٿيل آهي عام جي ٻول چال واري زبان آهي ڪي به ڏکيا اکر نه ٺوسيا ويا آهن .ترجمو ته لڳي ئي نه ٿو ڇڻ ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اوريجنل سنڌي ناٽڪ جا ڊائلاگ آهن.
ديوان ڪوڙي مل جاميٽري جهڙي خشڪ سبجيڪ جو ترجمو ڪيو .سندس ڪئي مضمون ,راجا يوچ جو سپنو،چندر مکي،هر ڪنهن علم سکڻ ۾ فائدو آهي،عبادت ۽ نيڪي، وقت جو مُلھ، شاهوڪار غريب وغيره وغيره آريہ ناري چرتر جنهن ۾ هندو ناريءَ جو چرتر چٽيل آهي.

پڪو پهہ،مشهور اصلوڪو ڪتاب عورتن جي تعليم ۽ ڀلائي جي باري ۾ آهي. ان ۾ لکن ٿا: ـ جيئن پڙهيل مردُ پهنجي ڪٽمب جي سُنهہ آهي. اهڙيءَ طرح پڙهيل زال بہ گهر جو سينگار آهي.ڪو بہ پڙهيل ماڻهو اهو نہ ٿو گهري تہ منهنجي گهر ۾ جاهل ۽ اڻپڙهيل زال هجي،هو هميشهہ پاڻ جهڙي صحبت گهرندو آهي. اسان جا ڏيهي ڀائر اوهانکي اها ڳالهہ ڪيئن ٿي سُهڻي لڳي تہ عورتون اڻ ڄاڻ رهن. (پڪو پهہ).

اڄ اسين ٢١ صديءَ ۾ آهيون دنيا ترقي ڪئي آهي. اسين پاڻ کي مُهذب قرار ڏيون ٿا پر اخلاقي قدرن جو ڀلاند اسان جي هٿن مان کسڪندو ٿو وڃي. اڄ جي دور ۾ اسين عورت ۽ مرد جي برابريءَ جي ڳالهہ تہ ڪريون ٿا پر عورت جي گڻن،محنت،فن،ڀورهي ۽ ڏاهپ کي تسليم ڪرڻ وقت ڪوڙيءَ انا جو شڪار ٿي نہ صرف اُن جي گڻن طرف اکہ ٻوٽ ڪريون ٿا ، پر ڪي عورت جي مٿي تان چادر بہ ڇڪي وٺن ٿا هر روز اخبارن ۾ ان طرح جا قصا پڙهڻ وٽان ملندا.

هاڻي اسين ويچار ڪريون تہ ديوان ڪوڙي مل جي دور دوران،عورتون ڪهڙين ڪُريتين،سماجي ٻنڌڻن ۽ نابرابرين جو شڪار هونديون ،اُهو تصور ڪري ئي ڏکي ٿا اُٿون. اهڙي دور ۾ عورتن جي برابريءَ جي ڳالهہ ڪرڻُ ۽ نازڪ جنس سان ٿيندڙ ناانصافين تي قلم کڻڻ قدم ۽ تنگ نظريئي واري سماج سان ٽڪرُ کائڻُ وارو جريت ڀريو قدم سنڌي نثرجي هن نور ڪنيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پکو پهڻ جو هتي حوالو پيش ڪندس :- جنهن ڏيهه جا
ماڻهو زالن کي پانهنجي وانگر سمجهي اُنهن سان مِڙن ۽ وانگر هلندا آهن، اتي
جا مرد جهنگلي حالت ۾ آهن. ورِي جنهن ڏيهه جا ماڻهو زالن کي هروڀرو
حيوانن وانگر نه ٿا سمجهن پر ايترو ڄاڻن ٿا ته فقط گهر جي هاجَ ۽
حيواني خوشين پورڻ لاءِ پيدا ٿيون آهن، اتي جا ماڻهو جهنگلي آهن.
ديوان ڪوڙي مل جا سهڙيل پهاڪا سنڌي ادب لاءِ سهڻي سوغات آهن. ديوان
ڪوڙو مل نه صرف سُٺو نثر نويس هو پر سنڌس من ۾ انسان ذات لاءِ
همدري وارو جذبو به هو. جا ڳالهه ۱۸۹۸ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پليگ واري
مهاماري ڦهلجڻ دوران، جيڪا سنڌ جي ٻين علائقن ۾ به پکڙجڻ لڳي. اُن
وقت ديوان صاحب حيدرآباد ۾ هئا. اُنهن خوب خدمت ڪئي. مهاماري
ننڍڙو ڪتاب به لکيائون. اُن ۾ لکن ٿا اُن دور ۾ پيءُ پٽ کان پُٽ پيءُ کان
ان مهاماري ڪري پري ڀڄن پيا.
سندس لکڻين مان اُنهن جي شخصيت به جهلڪي ٿي. اڄ اسان
وٽ پنهنجن ساهتڪارن کي ڄاڻڻ ۽ اُنهن جو ادب پڙهڻ جو وقت ئي
ناهي. پيو ته پيو اڄ اهڙي حالت آهي جو پاڻ لکون پاڻ پڙهون. پنهنجي
ساهتيه ۽ ساهتيڪارن جي لکڻين کان منهن موڙڻُ واري قوم پنهنجو
جيڪو ڳهاٽو ڪري رهي آهي، تنهن لاءِ اِڳتي هلي اسان کي پڇتائڻو
پوندو تاريخ اسان کي ڪڏهن معاف نه ڪندي. اجان به وقت ڪون ويو
آهي.

(مقالو دهلي سنڌي اڪادمي)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# سنڌڙيءَ جو سائين

ديسي سيڻ ڪاڄ پرديسي ڪمڙا پرين
ڏاريان ئي ڏاريان، مٺ مٺيءَ جا نہ ٿين. (شاھ)

لطيف سائينءَ وطن واسين سان مٺ محبت جو درس ڏنو آهي. وڏن جي چوٽي آهي تہ : **ڪتو بہ پهنجي ڪڙهہ سان سنهين**. پر مذهب جي نالي تي ڏارين کي ڪوري ڪري وهارڻ ۽ پنهنجن کي ڏکي ڪري ڏار ڪرڻ واريءَ غلطيءَ جو احساسُ ايڏو دير سان ٿيو، جو وقتُ هٿان نڪري چڪو هو. سائين جي. ايم. سيد ۱۹۴۰ ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾، ٺهراءُ جي تجويز پيش ڪئي. ملڪ کي ٻاڱا ٻاڱا ڪرڻ وارن مفادپرست سازشي ٽولن جا ناپاڪ ارادا برثواب ٿيا. وقت گذرڻ سان سائين جي. ايم. سيد کي پهنجي غلطيءَ جو احساسُ ٿيو ملڪي قيادت سان اختلاف ڪري **سيد** پهريون سياسي قيدي بڻيو، هن زندگيءَ جو وڏو حصو نظر بنديءَ ۾ گذاريو. ۲۵ اپريل ۱۹۹۵ تي ڪراچيءَ ۾ دل ۾ هزارين تمنائون کڻي هن فاني جهان کي الوداع ڪيو. سن جي سائينءَ سان ڪيترن جا سيا سي اختلاف رهيا انهيءَ جي باوجود سندس مخالف ڪندڙن بہ سندس سنڌ لاءِ عشق جي جذبي کي سلام ڪيو. مولانا غلام محمد گراميءَ (مرحوم) جي سنڌ جي دانشورن ڏانهن پيغام ۾ اظهاريل جذبا ڏيان ڇڪائين ٿا هو فرمائي ٿو چا جي. ايم سيد ۾ رڳو عيب ئي عيب آهن؟ منجهس ڪا هڪڙي بہ خوبي ڪانهي، اگر ڪا هڪڙي بہ خوبي اٿس تہ پوءِ ان تي بہ نظر ڪر!. **جي. ايم سيد سنڌ آهي ۽ سنڌ جي. ايم سيد آهي.**

۱۷ جنوريءَ جي تاريخ جديد دور جي تاريخ ۾ اهم جاءِ والاري ٿي. ۱۷ جنوري ۱۹۰۴ تي غلام مرتضيٰ سيد جيڪي سائين جي. ايم. سيد طور عام ۾ ڄاتل آهن دادو ضلعي جي سن جي ڳوٺ ۾ سيد خاندان ۾ جنم ورتو. جڏهن ٻن سالن جا هئا تہ سندن والد سيد محمد


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اچي ٿو هو لکي ٿو:- پاڪستان کي پاڪستانين کان بچايو. پاڪستان جا دشمن پاڪستان اندر ئي موجود آهن. جيڪي ٻاهرين اديبن ڪلاڪارن کي اديب ۽ ڪلاڪار طور نہ بلڪ دشمن طور پيش ڪن ٿا. جن اديبن جو مقصد دوستي ڀائيچارو سنڌ جي ترقي خوشحالي ۽ لطيف جو پيغام آ هي.

مون تي دهلي آل انڊيا ريڊيو طرفان سائين سان ملاقات ڪري، ريڊيو لاءِ انٽرويو وٺڻ لاءِ اُنهن کان وقت وٺڻ جي جوابداري رکي وئي. سائين جن ڪنڪشا هوٽل ۾ ٽِڪيل هئا. سفيد لباس پهريل چهري تي تازگي اکين ۾ امن جي پيغام جي چمڪ .سوچ جي گهرائي ننڍي کنڊ جي تاريخي پسمنظر تي گهري نظر رکندي حال جي سياسي منظر نامن کي ڏسندي عالمي سياست جي تقاضائن جي مدي نظر ننڍي کنڊ جي ٻاڙ يسري ملڪن وچ ۾ ساز سلوڪ جي تمنا. ڪنفيڊريشن جي تجويز پڻ سندن ذهن ۾ هئي. مون سان ريڊيو جو ڊپٽي ڊائريڪٽر مسٽر بترا هو. اسان جي پهچڻ کان اڳ هڪ انگريزي اخبار کي انٽريو ڏيئي رهيا هئا. ملاقات پوري ڪرڻ کانپوءِ مون سائين جن جو پهنجي آفيسر سان تعارف ڪرايو. قرب وچان مليا، ڳالهين دوران سائين جي. ايم .سيد منهنجي آفيسر کي چيو مان وينا جو نالو، دختري سنڌ، رکيو آهي. ان تي مسٽر بترا ٺه پهه چيو سائين دختري سنڌ تہ بينظير آهي. سائين جي. ايم سيد وراڻيو بينظير دختري پاڪستان آهي. ۽ منهنجي ڊائريءَ تي اهو لکي صحيح ڪيائون. سائين جي ايم. سيد جن کان ملاقات جو وقت طئہ ڪري پوءِ ڪين ريڊيو تي گهرايو.

١٧ جنوري سندن سالگره جي سلسلي ۾ سائين جن جي سنڌي ٻولي لاءِ ڪيل ڪوشش کي وساري نہ ٿو سگهجي. اختلافن ۽ اتفاق جي دائري کان ٻاهر نڪري سندن شخصيت تي نگاهہ وجهڻ ضروري آهي. ١٤ سالن جي ڄمار ۾ سياسي گهير ۾ گهريا. ١٩٣٧ ۾ سنڌ ليجسليٽو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

اسيمبليءَ جا ميمبر چونڊيا ويا. ١٩٣٠ ۾ سنڌ سرڪار ۾ تعليم کاتي جا وزير بڻيا.سائين جي ايم سيد ڊا.دُرشهوارجي نظر ۾ - هڪ ملاقات ۾ پنهنجي والد جيباري ۾ ڊا.دُرشهوار چوي ٿي: هر پنج ڪلاڪن کانپوءِلکڻ ۽ پڙهڻ شروع ڪندا هئا،مون جڏهن بابا کانهڪ واري پڇيو توهان جڏهن ڪتابن ۾ لکيو آهي تہ نماز ۾ ڪو ثواب وغيرہ جو تصور ڪون آهي تہ پوءِ ڇو پڙهندا آهيو،تہ ان جي جواب ۾ مونکي چيائون تہ - سڪونِ قلب لاءِ نماز پڙهندو آهيان؛ مونکي ان مان روحاني سڪون ملندو آهي.

دانشور عبدالله واحد آريسر سنجي سائينلاءِ لکيو آهي: ارادو هما ليہ وانگر مضبوط،ذهن آسمانو انگر بلند، سمنڊ جهڙو گهرو، گفتگوءَ تقدير جي ڪتبي وانگر صاف ۽ سچي دل ٻار جي مُرڪ وانگر مقدس ۽ معصوم، زندگي سنڌوءَ جي وهڪري وانگر سدائين مصروف - عمل ،وجود سانوڻ جي ڪڪر وانگر فيض رسان. عمل جي انقلاب،برتاءُ ۾ انسانيت، ڏاڍن جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ، ظلمن ۽ بربريت کي پيرن هيٺان ٺڪرائيندڙ، وطن دوستي، قوم پرستيءَ آزديءَ جي نظريئي تي موت وانگر اٽل تي هلندڙ.

نظربنديءَ دوران سائين جي. ايم .سيد کي عدالت ۾ بيان پيش ڪرڻ جو موقعو نہ مليو انڪري، **هن سنڌ ڳالهي ٿي،(عدالتي بيان)** عنوان تحت ڪتابي روپ ۾ تاريخي دستاويز دنيا اڳيان پيش ڪيو. جنهن ۾ سن جي سائين لکيو: مون جڏهن بہ پنهنجي مادري وطن جي زخمن جو آواز بڻجي ڪائي صدا بلند ڪرڻ پئي چاهي آهي تہ جيل جي دروازن ۽ گرفتاريءَ جي حڪمنامن منهنجو انتظار پئي ڪيو آهي.

عدالتي بيان ڇپائيندڙ ادارو لکي ٿو: اڄ بہ ايڏي وڏي ڄمار ۾ سندس عشق آزاديءَ جو جذهو پوڙهو ناهي ٿيو.

هيءُ جو پوڙهو جهور وِڙهندي ٿيو ويڙه ۾

اڃان ڏمر ۽ ڏاڍ تي آڻ نہ ماڃي مور،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# جي جيءَ ڪي جيارين .....

٢٢ آڪٽوبر جي تاريخ سنڌي سنگيت جي تاريخ ۾ ڏکوئيندڙ جاءِ والاري ٿي. ان تاريخ تي سنڌي سنگيت جي ڪويل هند جي پياري راڳ جي راڻي ڀڳونتي ناواڻي ابدي ننڊ ۾ وڃي آرامي ٿي. اُن ڏهاڙي سنگيت جا سر ۽ ساز اُداس هئا. مُسڪرائيندڙ چهرو مرڪ کي الوداع ڪري اڪيون ٻوٽي وڃي آرامي ٿيو. ڀڳونتي اهڙي ته ننڊ ۾ وڃي سُتي جو اسان مان ڪيس سجاڳ ڪرڻ جي جرئت ڪنهن کي به ڪانه ٿي.

## جي جيءَ ڪي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا،

موت اٽل آهي، سچائي آهي، ان سچائيءَ کان ڪو به منهن موڙي نه ٿو سگهي. وڇوڙي تي ملالُ ضرور ٿئي ٿو. سنڌ جائي ڀڳونتي سنڌي ٻولي تهذيب ثقافت ۽ سنگيت جي معشال کي پنهنجي رُوح سان روشن ڪيو. جڏهن ڀڳونتي ناواڻيءَ جي وڇوڙي جي خبر آئي ته لکين سنگيت پريمين جون اکيون آليون ٿي ويون. اڄ ڀڳونتيءَ سان گهاريل ڪي يادگار گهڙيون اکين آڏو تري آئيون آهن. انهن بي بها يادين جي سرمائي مان ڪي تاريخي پل اوهان سان ونڊڻ چاهيندس.

**جا گهڙي گذري ڪري ڪين لڀجي شال مونکي**
**زندگي آهي گهڙيون چار هليا و يندا سين.**
**ٿيندا پورا نه ميءَ تڪرار هليا ويندا سين،**
**اُءِ ڀوليا ته ڪريون پيار ڪريون پيار......**
**ڪريون پيار هلياويندا سين....... . (شاد )**

شاعر ارجن شاد جي ان گيت کي نه صرف ڀڳونتيءَ دل جي گهرائين سان ڳاتو بلڪ بقول شاعر جي ڪلام جيان هن هر گهڙي هر پل جو سهڻي نموني استعمال ڪيو. ڀڳونتيءَ ٻڌايو ويهن پنجهيون سالن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned by CamScanner

مهنجي اهائي خواهش آهي جيستائين زنده رهان عام جنتامونکي مرڻ گهڙيءَ تائين ڍنڍي.

اباڻي وطن وڃڻ جي خواهش پڳونتي سيني ۾ سانڍي وقت کان اڳ وڃي اُهو جهان وسائيو جتان ڪو موٽڻو ناهي.هن سنڌ ۽ سنڌيت جي ناوءَ تي پنهنجو سر گهوري ڇڏيو.

**جيئي منهنجي سنڌ ،مان تہ گهوريان پنهنجي جند پنهنجي اباڻي وطن تان ، اباڻي وطن تان سنڌ جي چمن تان........**

(هندواسي ١٩ آڪٽوبر ١٩٩٧ع)

❖❖❖❖❖

حيدآباد کان ننتو ٩١ ڪلوميٽر آهي. وچ ۾ سونڊا جو قبرستان پوي ٿو، ٺٽي کانپوءِ مڪلي پهتاسين قبرستان جي چوطرف ديوار آهي ٻاهر وڏو دروازو آهي .جنهن جي ٻنهي طرف سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ قبرستان بابت تفصيل موجود آهن،اتي ڪو گائيڊ ڪون هو،هرڪو پنهنجو طور تي انومان لڳائي يا وري ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ جمع جو ڏهاڙو هو،موڪل ڪري ڪو موجود نہ هجي.ڪن قبرن اڳيان بورڊ لڳل هئا تہ ڪن جي اڳيان ڪون هئا،اگر ڪي بورڊ هئا تہ اُن ۾ ٻيو لپيءَ ۾ جنهن کان عام ماڻهو ناواقف.

مڪليءَ جو قبرستان چار سئو(٤٠٠) سال پُراڻو آهي،هتي وڏي تعداد ۾ قبرون آهن ڇهن چورس ميلن تي مُشتمل.اِن قبرستان ۾ دفن ٿيل شخصيتن جون جاتيون آهن: ـ سما،ارغون،ترخان ۽ مغل.

ا هي هستيون مڪليءَ جي قبرستان ۾ اهڙيابدي ننڊ جي آغوش ۾ آهن جن ڪي جاڳائڻ جي فرشتا بہ گستاخي نہ ڪندا.

پکا ۽ پنهوار ڏٺي مون ڏينهن ٿيا سنڌ جو سفرنامو(ص ـ١٤٦ - ١٤٧)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# مان ساريان سانگيئڙن کي

خوشي ڏيندين تہ خوش رهبو، جي غم ڏيندين تہ پيو سهبو مونکي
جيئڻ تون هلائيندين، تنهنجي مرضيءَ تي پيو هلبو..........

اڄ اوچتو هيءُ گيت لبن تي اچي ويو آهي، ور ور ڪري ترنم ۾ گنگنائيندي رهيس. مان گلوڪارا تہ نہ آهيان، پر من جي ويٽا سر سنگيت جون تارون ور ور ڪري ڇيڙيندي رهندي آهي. مونکي ننڍپڻ کان ئي نرتيہ ڪرڻ جو ڏاڍو شونق هو. منهنجا پير سنگيت جي لئہ ۽ تال تي اڄ بہ ڇُر پُر ۾ اچي وڃن ٿا. مون طرفان نرتيہ جي ڪلا کي اپنائڻ جو مطلب مسي تڙ کان ڌار ٿيڻُ، منهنجي اندر وارو فنڪار بي چين رهيو. حالتون سازگار نہ هئڻ جي باوجود ان گيت سنگيت طرف رخ ڪيو پر ڳائڻ وڄائڻ بہ اسان جي زميداري خاندان جي توهين هئي. حالتن ۽ حادثن جي ٿقيڙن مونکي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ڪناري تي آڻي ڦٽو ڪيو. هڪ چولي ڳهلي سنڌيت جي تحريڪ، مارئي تنظيم جي مُهڙ تي آڻي بهاريو. منهنجي تخليقڪار من ان وير جي وهڪري ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪري ڇڏيو.

انهيءَ جذبي تحت بي شمار اديبن فنڪارن کي منچ تي پيش ڪندي پُڌ نڌي ڏسنديبيحد خوشي محسوس ٿيندي آهي، دادا دڪايل سان هڪ شام يا - شام سان هڪ شام - هجي، لطيفي لات جو پيغام، ماستر چندر جو ڪنسرٽ، سنڌ جي جيجي زرينہ بلوچ هجي، جمن دربدر بيشمار فنڪارن کي سنگيت جي منچ تي پُڌو انهن جي قريب ويندي خوشيءَ جو احساسُ، شايد اهو جذبو هو! خوشي ڏيندي تہ خوش رهبو.....

انهيءَ سنگيت سان نينه واريَ ڪڙيءَ ۾ بلي .سي. راٺيءَ کي ڪنسرٽ جي نيند ڏني سنگيتڪار بلي سي راٺي دعوت قبولي، ڪيترن ڇيو بلي.سي. راٺي واعدو وفا نہ ڪندءِ!. ان وچ ۾ زندگيءَ هن سان وفا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

نہ ڪئي ڪال هن کي ڪنهي ڪنئيو، پر مونکي ويندي ويندي هڪُ موقعو ڏنائين هن سان مُلاقت جو عطا ڪيو. بمبئي آڪاشوائي اسٽڊيو ۾ هن سان هڪ طويل يادگار ڪچهري رڪارڊ ڪري محفوظ ڪري ڇڏي.

اڄ انهن بي بها يادين جي املهه خزاني مان ڪي خوشگوار لمحا سنگيت پريمين سان ونڊڻ چاهيان ٿي. سنگيت جيڪو روح کي راحت بخشي ٿو، لئہ سرُ تال جو سنگم عجيب ڪعفيت پيدا ڪري ٿو، سنڌي سنگيت جي قداور شخصيت جي ڪيل خدمتن جي ڄاڻ نہ صرف مون جهڙن فنڪارن ۽ سنگيت پريمين لاءِ اهم ۽ معلوماتي آهي پر، اسان لاءِ سُٺو سرمايو پڻ آهي. سنگيت جي تاريخ جا ورق جڏهن بہ ورايا وڃن تڏهن ائين نہ لڳي تہ ڄاڻ هوندي بہ اسين اڻ ڄاڻ رهياسين. سنگيتڪار ۽ گيتڪار جي ڪيل پورهي جي رڪارڊ کي قلم بند ڪندي، لبن تي شاه سائين جي سانگين جي سار جو بيت اچي ٿو:

**مان ساريان سانگيئڙن کي،**

**منهنجا مارو وسن مليرُ (شاه)**

بلي سي راڻيءَ جي ڪنٺ مان هيءَ نڪتلُ سانگيئڙن جو ڪلام ٻُڌي حيدرآباد سنڌ جي ياد اچي وڃي ٿي، ڳائيندڙ فنڪار، سنگيتڪار حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو نپنيو، پڙهيو لکيو سنگيت جي دنيا ۾ داخل ٿيو: بلي. سي. راڻيءَ جو لاڙو ان طرف ڪيئن ٿيو؟ پريٽا ڪٿان ملي..... ؟ ان طرح جا ڪئي سوال من ۾ اُٿن ٿا، بلي. سي راڻيءَ ٻُڌايو سنگيت جي پريٽا ڪيس پنهنجي پتا وٽان ملي، جيڪي تمام سُٺو باجو وڃائيندا هئا. اُن دور ۾ ڪي. ايس درياڻيءَ جا ناٽڪ ٿيندا هئا تنهن جو بئڪگرائونڊ ميوزڪ سندس پتا ڏيندو هو، ١٩٣٥ع ۾ اُن جي پهرين فلم ،انسان - ڪ - شيطان فلم جو ميوزڪ ڪمپوز ڪيو، پارت - ڪي - بيتي نالي فلم جو بہ هن ئي ميوزڪ ڪمپوز ڪيو، مشهور ميوزڪ ڊائريڪٽر انيل بسواس اُن وقت سندس جي پتا جو ائسٽنٽ ٿي ڪمُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪندو هو. جنهن ڪري سنگيت جي دنيا ۾ پير پائڻ لاءِ هن مٿان ڪا جهل پل ڪان رهي. ڪاليج جي فنڪشنن ۾ سنگيت جي پروگرامن جي ڪمپوزيشن ڪندو هو. ١٥ سالن جي ڄمار ۾ ڪنهن خيرخواهه ڪيس صلاح ڏني ته تو وٽ ڏات آهي ڏانو آهي، ڇون نه تو فلمي دنيا ۾ پير پائين، اُن ساڃڻ جي صلاح تي سنهڙو سيپڪڙو نوجوان لاهور روانو ٿيو جتي ماسٽر غلام حيدر سندس ٽرائيل وٺڻ لاءِ ڪيس پهريو ن ڳانو ڏنو. پر ڪيس ان سنهڙي سيپڪڙي سنڌي نوجوان جي سُر ڪون ڇُهيو.

ان نااُميديءَ ۽ مايوسيءَ دوران هن ڪي نورجهان جو رڪارڊُ - **ڪون سي بدلي ۾ ڇپا هنه ميرا چاند**......، ٻُڌي آٿتُ آيو، بادلن ۾ ڳهريل چنڊُ نيٺ ته ڪارن ڪڪرن مان ٻاهر نڪرندو مايوسي ۽ نااُميديءَ جي گهڙين ۾ هن ڳيت ڪيس انسپائر ڪيو. بلي.سي.راٺيءَ همت نه هاري. جاڪوڙ ۽ ڪوشش ڪانپوءِ رنجيت اسٽڊيو ۾ پلئبيڪ سنگر طور داخل ٿيو. هندي فلمي دنيا واري ماحول ۾ سندس سنڌي مادري زبان ۽ تلفظ رڪاوٽ نه بڻيو. زندگيءَ جي جستجو واري سفر ۾ سندس ڳرو کيمچند پرڪاش ڪيس گهڻو همٿايو، ٿي سال سندن رهنمائي ۾ ڪمُ ڪيو. اُن وقت جي مشهور فلم **تانسين** جو سڄو بئڪ گرائونڊ ميوزڪ بلي.سي.راٺيءَ ئي ڏنو، هن هڪُ ڳانو اُن دور جي مشهور ڳائيندڙ فنڪارا خرشيد جي آواز ۾ ڪمپوز ڪرايو، **اُو دڪينڙا جينڙا روئي نين**........سندس پهرين پڪاڇر - **پڳلي دنيا** - هئي، جنهن اُن وقت جبلي ڪئي ۽ ڪراچيءَ جي ٿيٽرس ۾ ڌوم مچائي اُن بعد فلم - **ڪاروان - مورتي** وغيره، جڏهن خرشيد فلم مورتيءَ جي ڳيت جي رڪارڊنگ ڪري رهي هئي ته ملڪ ترنم نورجهان پاڪستان مان آئي هئي. بلي .سي.راٺيءَ کي جڏهن ڳيت **بدريا برس گئي**.... تي اوارڊ مليو ته هن کي بي حد خوشي ٿي. ڏات هن تي مهربان ٿيڻ لڳي هن هڪ ٻي خوبصورت ڌُن تيار ڪئي **انبوئا پني ڪويل ٻولي سجنا جهولا**

**جهولي هولي هولي ڊولي سجنا**........سنڌ ترتي جي هن چائي لاءِ خوشي جهڙي ڳالهه اها هئي جو هن فلمي صنعت جي ڪيترن ڪلاڪارن کي بريڪ ڏنو. مشهور فلمي مئگزين اسڪرين- فلمي دنيا جي مقبول ڳائيندڙ مڪيش جي وفات تي پنهنجي آرٽيڪل ۾ اها ڄاڻ ڏني ته مُڪيش کي پهرين چانس بلي.سي.راڻي ئي ڏني. مڪيش رنجيت اسٽيڊيو ۾ ٢٥٠ رپيا مهينو پگهار تي هن سان گڏ نوڪري ڪندو هوجيڪو پهرين گيت هن رڪارڊ ڪرايو سو هو:

**جا پرواني جا ڪهين شمع جل رهي هئه.پنک ڪٽي هئه پرواني ڪي اور شمع هئه دور جلني ڪو بي جين.ڦر ڀي اُڙني سي مجبور**........

هن سنگيتڪار ٨٥ فلمن ۾ سنگيت ڏنو، جنهن ۾-- **بلو ا منگل**.جنهن جو هڪڙو گيت ثريا جي آواز ۾ بيحد مقبول ٿيو.

**ڦر دنيا ڪو ياد رهيگا تيرا ا ميرا ا افسانا پروانون سي پريت سيک لي شمع سي جلنا**.... مشهور گيت - **مت جا مت جا جوڳي پائون پڙون ۾ توري**.......جي مقبول ڳائيندڙ فنڪارا گيتا دت کي پهريون بريڪ به هن سنگيتڪار ڏنو.طلعت محمود جڏهن ڪلڪتي کان پهريون ڀيرو ممبئي جي فلم ننگريءَ ۾ پير پاتو،هن به پهريون ڀيرو بلي.سي.راڻيءَ جي ڪمپوزيشن ۾ ڳاتو. تنهن کانپوءِ ئي نوشاد طلعت جي آواز ۾ **فلم بابل** جو هيءُ گيت - **تصوير تيري دل ميرا بهلا نه سڪيگي**......رڪارڊ ڪيو . فلم جي مشهور معروف شخصيتن هن سان ڪمُ ڪيو جن ۾ لتا منگيشڪر، امير بائي ڪرناٽڪي وغيره شامل هئيون اڳي جيڪي هيروئن هونديون هئيون تن اڳيان اهو به چئلينج هوندو هو ته پنهنجا گيت پاڻ ڳائين.جيڪو ڪمپوزر لاءِ وڏيڪ ئي چلينج هو،ان للڪار کي به بُلي.سي.راڻيءَ همٿ سان قبوليو ۽ گيت ڳارائين جنهن ۾ نرگس کان انجمن ۾، متوبالا کان ڏنا ڀڳت ۾،نلني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پر سنڌين طرفان سنڌي پروگرام جي حوالي سان اها آس سندس اڌوري ئي رهي. سنڌ جي مٽي ماٽي لاهڻ سنڌو جي جل سان اڄ متائڻ واري خواهش سيني ۾ سانڍي جنم ڀوميءَ کي ڏسڻ جي آس اکين ۾ سمائي کئي فنڪار هن جهان مان رمندا رهيا. بلي.سي.راٽيءَ جو ڪمپوز ڪيل گيت هن وقت منهنجي لبن تي اچي ٿو **مانگني سي جو موت مل جاتي ڪون جيتا اس زماني ۾**...... تمنائون اگر چاهڻ سان پوريون ٿين تہ الائي انسان ڇا ڇا پائي وٺي......!ڪن خوشنصيبن کي ئي پلئہ پونديون آهن.

ورهاڱي جي جيڪا ليڪ سياستدانن ڪيڍي آهي تنهن سرحد جي صليب تي ڪروڙين انسانن اکيون ڦاڙي لٽڪي پنهنجي جنم ڀوميءَ کي ڏسڻ لاءِ واجهہ واجهائيندي پراڻ تياڳين ٿا.هندي فلمي سنگيت جي کيتر ۾ سنڌي سنگيت جي دنيا ۾ناءُ ڪمائڻ واري سنگيتڪار بلي. سي راٽي. جي فني صلاحيتن کي سلام ڪندي،سندس ئي آواز ۾ ڳايل ڪلام جون چند سٽون ڏيندي خوشي محسوس ڪريان ٿي جو هن فنڪار جي باري ۾ ڪي حقيقتون اوهان سان ونڊيون اٿم.

**خوشي ڏيندين تہ خوش رهبو، جي غم ڏيندين تہ پيو سهبو،مونکي تون جيئڻ هلائيندين تنهنجي مرضيءَ تي پيو هلبو**...............(پرسرام ضيا)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پنجابي، سرائڪي، اُڙدو، ٻيو تہ ٻيو روسي، چيني، فرانسيسي ۽ ٻين ڪيترين ٻولين جون ڪهاڻيون سنڌي پاٺڪ کي پڙهڻ وٽان ملنديون. ترجمي جي ڏس ۾ سنڌ ۾ وليرام ولڀ جو اهم حصو رهيو آهي هن صاحب ٻن سئون کان بہ مٿي ڪهاڻيون انواد ڪيون آهن سنڌي ادبي بورڊ طرفان وليرام ولڀ جي ترجمي ۽ ترتيب هيٺ ننڍي ڪنڊ جي مختلف ٻولين جي ڪهاڻين جو مجموعو بهشت ۽ دوزخ شائع ڪرايو ويو آهي.

ترقي پسند تہ مورتي دادا مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ اي.جي. اُتم پنهنجي جاءِ جوڙي آهي .دادا اُتم تہ **نئين دنيا** جي حوالي سان سنڌيت سان سُر لڳي واري اصول تحت ليکڪن ۽ ليکڪائن جي همٿ افضائي ڪئي ۽ ڪهاڻي پرچا بہ شايع ڪري وڏا وڙ ڪيا آهن. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ روماني دور جو ذڪر ڪرڻ سان موهن ڪلپنا ،گنو سامتاڻي ۽ لال پُشپ جون ڪهاڻيون ازخود زبان تي اچي وڃن ٿيون. ايشور آنچل جي ڪهاڻي ڇُهاءُ وغيره.سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسند دور ڪانپوءِ روماني دور آيو . ٻين ڪن پارتي پاشائن ۾ ان جي برعڪس رهيو پهرين روماني دور پوءِ ترقي پسند ڪهاڻيءَ جاءِ ورتي.

**تيلگو** جي هڪ ڪهاڻي - **گهر خريد ڪيو** ( ليکڪ - ڪوموري ويٽو گوپال انواد واسديو نرمل ساهتيہ اڪادمي. پياج نمبر ( ٢٣٤ ) ان ڪهاڻيءَ ۾ گهر خريد ڪرڻ جي خواهش سچي زندگي ستائي تي پراويڊنٽ فنڊ جي رقم مٿان وياج وٺي اجهو ٺاهي ٿو ،ڪٽمب ناراض ٿئي ٿو جو سندس ڌيءُ شادي لائق آهي،نيٺ مجبور ٿي وياج وٺو ڏيئي گهٽ رقم تي گهر وڪڻي ٿو. ان طرح جا موضوع اسان جي سنڌي ڪهاڻين ۾ بہ ملندا ايشور چندر ۽ ٻين جي ڪهاڻين ۾ اهڙا ڪردار ملي ويندا يا تيلگو جي ٺئي ٻي ڪهاڻي ڏسنداسين **پٽر سنتان** (پياج ١٢٧ شري آنند نارائڻ سامي) اُن ۾ بہ پٽ جي آس ۾ چار ڌيئر مائي جڻي ٿي ۽ جڏهن پٽر سنتان ا چي ٿي تڏهن وڏا ٿي اُهي ئي ڏڪارين ٿا .جن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

جي ساهتيہ ۾ تحريڪن جو ذڪر ملندو. موضوع نوان يا پراڻا ڪون ٿيندا آهن ان جو اسڪوپ ۽ جذبن جي شدت ساهتڪار جي قلم مان نڪرندڙ انداز ان کي نواڻ ۽ امرتا بخشيندي آهي. ٽيرٿ بسنت، رام پنجواڻي ايشور ڀارتي، هري همٿاڻي، جهمون ڇهڳاڻي، مايا رهي، اندرا واسواڻي، ڪئي مختلف موضوعن کي ڇُهيو آهي. بورڪ شاعر ڪرشن راهيءَ جو شاعريءَ طرف پوءِ مڪمل لاڙو رهيو شروعاتي دور ۾ ڪهاڻيءَ جي صنعف تي بہ قلم ڪنيو پروفيسر هيرو شيوڪاڻي بنيادي طور تنقيد سان وابستہ رهيو آهي پر ڪهاڻيءَ جي کيتر ۾ بہ ڪانٽريبيوشن ڪئي آهي. هت ڪجهہ ئي نالا ڏنا آهن.

ٻولي جي لحاظ کان تہ سنڌي ڪهاڻيءَ تي مختلف صوبن جو اثر پيو آهي. جيڪو پڙهندڙ جو ذائعقو خراب ڪري ٿو. ڏڻ وار ريتن رسمن ۽ تهذيب ۽ ماحول جي لحاظ کان ڪجهہ حد تائين اثر رهيو آهي. ان لحاظ کان بنگالي ڪهاڻيءَ ۾ اُتي جو رنگ صاف نظر ايندو. اُنهن پنهنجي ڪلچر کي جيءَ سان جوڙي رکيو آهي، جيستائين بنگالي عورت سمهڻ کان اڳ ڪو ڪتاب نہ پڙهندي ۽ رويندر سنگيت نہ ٻڌندي تيستائين اُن کي ننڊ نہ ايندي ، درگا پوڃا جي مهتا يا مهاراشٽر ۾ گنپتي اُتسو، هماچل پرديش ۽ ٻين پهاڙي علائقن ۾ ون - مها اُتسو (پهاڙ ۽ ٻيلن جي ديويءَ جي آستا سان جڙيل موضوع) اسان وٽ چيٽي چنڊ تي فلمي گانن ۽ ٺومڪن جي ڏوم آهي ٻيا ڪهاڻيڪار ان مان کهڙي پريٽا حاصل ڪندو. بناوٽي موضوع ان صنعف کي هيٺو ڪري رهيا آهن. بنگالي ساهتيہ ۽ رنگہ منچ جو ورهاڱي کان اڳہ تہ ڪافي اثر رهيو بنگال جو ساهتيہ يا سنسڪرت جون ڪي رچنائون سنڌ ۾ وڏي چاهہ سان پڙهيون ويندي ون هيون ۽ انهن مان ڪيترا ( ترجما) انوادبہ ٿيا.

جيئن تہ ڀارت جون قومي ٻوليون ٻہ چار نہ آهن، انڪري مقالي جي محدودگين جي مدي نظر مون اُتر ڏکڻ اولهہ اُوڀر چئن صوبن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پولين جون ڪاجھ ڪهاڻيون ۽ ڪي مثال ۽ ڪن سنڌي ڪهاڻين جي ڳجرات جي موجود هر حالتن، پين جاتين ۾ شادي ڪرڻ جا مسئلا، مذهب بدلائڻ، ليکڪائن طرفان مرد ليکڪن جي ونهوار، بزرگ پيڙهي کان پنهنجو ورثو سنڀالي وٺڻ جهڙن موضوعن کي ڪٽي - **سنڌي ساهت جو درجو - ڪهاڻي اُن تي تاثر ۽ ڏي وٺ** - جو ذڪر ڪيو ته اسين ڪٽي پهتا آهيون. اڪثر اهو سوال پاٺڪن جي ذهنن کي جهنجهوڙيندو آهي ته ڇا سنڌي ڪهاڻي پنجاهه سالن تائين اُنهنئي ٢٠ - ٢٢ ڪهاڻين تائين محدود رهي آهي؟ جي ور ور ذڪر هيٺ رهيون آهن؟ ڇا سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ موضوعن جو ڏڪر آهي؟

دراصل هن مقالي جي موضوع کي پنجاب، سنڌ ۽ بنگال جي دائري تائين رکيو وڃي ها ته بهتر، انهن جاتين پين جي پيٽ ۾ ورهاڱي جي مار وڏيڪ سٺي. انهن کي ترتي جو ڪاجھ حصو پلئہ پيو جڏهنڪ سنڌي زمين کان اُکڙجي ويا، هڪ زمين تان وڻ پٽي ٻئي زمين تي لڳائجي اُهو ڪيترو ترتيءَ سان جڙيل رهندو ۽ وڌندو ويجهندو؟ اُن جي ساهتيہ، ڪلا ۽ ٻوليءَ جي ڪيتري آبياري ٿيندي؟ اهي چند اهم سوال هر باشعور ذهن کي جهنجهوڙيندا. شايد ايندڙ وقت ان جو جواب ڏي. پنهنجي سوچ ،مُشاهدي ۽ مطالعي جي آڌار تي اهو ئي چونديس ته سنڌي ڪهاڻيءَ کي اڃان وڏي منزل طئہ ڪرڻي آهي.

ساٿ سلامت!

(مقالو - دهلي سنڌي اڪدمي سيمينار)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

Veena Shringi is one of the prominent lady writer, who has produced substantial amount of literature-short story, play, essay, poetic prose, travelogue etc. 11 books are to her credit. She has tried her hand on every branch of literature. She is an activist in the Sindhi Women's movement.

She is general Secretary of "Maruee" an association of women dedicated to the promotion of Socio-cultural activities among the Sindhi women.

Promoters & Preservers of Sindhyat
Initiation Rtn. B. Bhagchandani

---

سنڌي ساهتيہ جي سوُرمي
وينا جي واقفيت ڏيڻ
وقت اهو ئي چوڻو تو پوي
تہ سنڌي ساهتيہ جي هوءَ
هڪ سٺي شاعرا، پڪي
پائي واري ليکڪا ۽
ڪهاڻيڪار، سماج سيوڪا
۽ آڪاشوائيءَ معرفت هند
۽ سنڌ جي وچ ۾ هڪ پُل
جو ڪم ڪندڙ آهي.
جهمون ڇبَگاڻي
(ص. ۹۲ ڏات ڏٺي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

# سارنگ
# سار
# لهج

دينا شرنگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

Veena Shringi is one of the prominent lady writer, who has produced substantial amount of literature-short story, play, essay, poetic prose, travelogue etc. 11 books are to her credit. She has tried her hand on every branch of literature. She is an activist in the Sindhi Women's movement.

She is general Secretary of "Maruee" an association of women dedicated to the promotion of Socio-cultural activities among the Sindhi women.

Promoters & Preservers of Sindhyat
Initiation Rtn. B. Bhagchandani

---

سنڌي ساهتيہ جي سوُرمي
وينا جي واقفيت ڏيڻ
وقت اهو نٿي چوڻو تو پوي
تہ سنڌي ساهتيہ جي هوءَ
هڪ سٺي شاعرا، پڪي
پائي واري ليکڪا ۽
ڪهاڻيڪار، سماج سيوڪا
۽ آڪاشوائيءَ معرفت هند
۽ سنڌ جي وچ ۾ هڪ پُل
جو ڪم ڪندڙ آهي.

جهمون ڇُگاڻي
(ص.٩٣ ڏات ڏاٽي)



# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**